
شاهہ جي شاعريءَ ۾ سُگهڙائپ جو رنگ
تحقيق
عاجز رحمت الله لاشاري
Hassan Dars
ACADEMY

# شاھہ جي شاعريءَ ۾ سُگھڙائپ جو رنگ

تحقيق

## عاجز رحمت اللّٰہ لاشاري

ڇپائيندڙ:

حسن درس اڪيڊمي
Hassan Dars
ACADEMY

حسن درس اڪيڊمي، حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

## ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ


ڪتاب جو نالو : شاهہ جي شاعريءَ ۾ سُگهڙائپ جو رنگ

تحقيق : عاجز رحمت الله لاشاري [0301-3566707]

سال : 2016ع

ڇاپو : پهريون

تعداد : 1000

پبلشر : حسن درس اڪيڊمي، حيدرآباد
hassandarsacedemy@gmail.com

سهڪار : سنڌ سگهڙ ادب لوڪ تنظيم (سلات) سنڌ، پاڪستان

ڇپيندڙ : ايڊوانس پرنٽنگ ايجنسي، حيدرآباد.
0300 0815982

ٽائيٽل : محمد علي سپرو

لي آئوٽ ۽ ڊزائين : امين سولنگي 0315 3020869

ڪمپوزنگ : شاهجهان سولنگي، رحمت الله خاصخيلي

قيمت : 200 روپيہ


**All Rights Reserved**


Name of Book : **Shah Ji Shairi Main Sughrraip Jo Rang**
Research : Aajiz Rahmatullah Lashari
Year : 2016
Print : First
Publisher : Hassan Dars Academy, Hyderabad
Contribution : Sindh Sughar Lok Adab Tanzeem (Salat)
Printed by : Advance Printing Agency, Hyderabad.
Composed by : Shahjahan Solangi, Rahmatullah khaskheli
Title : Muhmmad Ali Supro
Layout & Design: Ameen Solangi
Price : Rs. 200

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”شاھہ جي شاعريءَ ۾ سُگھڙائپ جو رنگ“** اوھان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ھي ڪتاب ناميارين سگھڙ ، لوڪ ادب جي پارکو ۽ لوڪ ادب تي تحقيقي ڪم ڪندڙ محترم عاجز رحمت اللهؒ لاشاري صاحب جي تحقيق تي مشتمل آھي.

لطيف جي فڪر جي پوئلڳ ۽ جاکوڙي انسان عاجز رحمت الله لاشاريءَ پنھنجي طرز جو الڳ ٿلڳ ڪم ڪيو آھي ۽ لطيف جي ڪلام ۾ سگھڙائپ جا جيڪي رنگ ڏنا ۽ انھن کي عام تائين پھچائڻ جي ڪوشش ڪئي آھي. حقيقت اھا آھي تہ ھن وقت لوڪ ادب کان وڌيڪ شاھہ سائينءَ جو ڪلام مشھور ۽ عوام ۾ مقبول آھي، عاجز رحمت الله جو ھيءُ ڪتاب بہ ان سلسلي ۾ ھڪ بھترين اضافو آھي.

ھي ڪتاب **حسن درس اڪيڊمي**، حيدرآباد پاران **سنڌ سگھڙ ادب لوڪ تنظيم** جي سھڪار سان 2016ع ۾ ڇپايو آھي.

ٿورائتا آھيون رحمت اللهؒ خاصخيليءَ جا جنھن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


- انتساب 7
- اداري پاران 8
- مُهاڳ 9
- مقدمو 15
- لطيفي فن ۽ فڪر جي پرچار! 22
- پنهنجي پاران 25
- ٻہ اکر 35
- لوڪ ادب جو اوسيئڙو...! 37
- شاهہ جو لوڪ رنگ...! 41
- لطيفي لات ۾ عوامي ادب...! 45
- شاهہ جي شاعري ۾ مهانتا...! 49
- شاهہ جو شاعراڻو دور...! 52
- شاهہ جي شعرن ۾ سگهڙائپ جون صنفون...! 54
- ڏور بيت...! 58
- هُنر...! 62
- پهاڪا ۽ چوڻيون..! 63
- شاهہ جي شاعريءَ ۾ رنگن جي رونق...! 66
- شاهہ جي شعرن ۾ گاهن، ٻوٽن، ميون، پاڇين، اناج، وڻن ۽ ولين جو ذڪر...! 71
- شاهہ جي شاعريءَ ۾ ڳوٺاڻو/ سماجڪ منظر...! 79
- حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليہ جي شان ۾ عقيدت جو اظهار...! 89
- رسالو ڳجهارتون...! 91

## ڪتاب گھرائڻ لاءِ

مرڪزي دفتر: سنڌ سگھڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات)
ويجهو ريلوي ڪراسنگ سيد آباد ڪالوني، ڄامشورو.
فون: 0346-3685474 | 0301-3566707

## ايڊوانس پرنٽنگ ايجنسي

دو آبا پوليس لائن ويجهو النور ميڊيڪل اسٽور
قاضي عبدالقيوم روڊ، گاڏي کاتو حيدرآباد.
فون: 0315-3773743 | 0300-0815982

# انتساب

**لطيفي فڪر جي**
**پوئلڳ ڏات ڌڻين**
**جي نانءَ**

# اداري پاران

حسن درس اڪيڊمي جو مقصد خود حسن درس جي سوچ، فڪر، فهم، علم ۽ عرفان جي ترويج توڙي ترقي ۽ لطيف شناسي، فن، ادب، موسيقي ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ جاکوڙ ڪرڻ آهي.

لطيف شناسيءَ جي حوالي سان سگهڙن، شاعرن ۽ اديبن جيڪو ڪم ڪيو آهي اهو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ساراهہ جوڳو عمل آهي پر لطيف جي فڪر جي پوئلڳ ۽ جاکوڙي انسان عاجز رحمت الله لاشاري هي جيڪو پنهنجي طرز جو الڳ ٿلڳ ڪم ڪيو ۽ لطيف جي ڪلام ۾ سگهڙائپ جا جيڪي رنگ ڏٺا ۽ انهن کي عام تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، انهيءَ کي قدر جي نگاهہ سان ڏسندي اسانجي اداري هيءُ ڪتاب ڇپائڻ جو ارادو ڪيو.

مونکي نهايت خوشي ٿي رهي آهي جو اسان ”حسن درس اڪيڊمي“ پاران پنهنجو هيءُ پهريون ڪتاب عاجز رحمت الله لاشاريءَ جي ڪيل پنهنجي نوعيت جي پهرئين ڪم ”شاهہ جي شاعريءَ ۾ سگهڙائپ جو رنگ“ ڇپائي پڌرو ڪري رهيا آهيون. اميد آهي تہ ادبي علمي حلقن مان سٺي موٽ ملندي. پڙهندڙن جي راءِ، اصلاحي تنقيد ۽ رهنمائي جي ادارو آجيان ڪندو.

**انور سولنگي**

ڊائريڪٽر

حسن درس اڪيڊمي، حيدرآباد

03012469363-03468242903

hassandarsacedemy@gmail.com

# مُهاڳ

عاجز رحمت الله لاشاري ءَ جي هن پورهئي کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان لوڪ ادب کي سڀ کان اڳ ۾ سمجهون.

اظهار جا مختلف طريقا آهن، اشارن وسيلي به اظهار ڪري سگهجي ٿو ته آواز ۽ عمل ذريعي به اظهار ڪري سگهجي ٿو رنگ به اظهار ۽ پيغام پهچائڻ جا بهترين وسيلا آهن. روڊ تي ڳاڙهي رنگ جي بتيءَ کان گاڏي بيهارڻ ۽ سائي رنگ جي بتيءَ کان گاڏي اڳتي ڪاهڻ جو به ڪم ورتو وڃي ٿو.

آرٽسٽ رنگن وسيلي تصوير جوڙي پنهنجي اندر جو اظهار ڪري ٿو ٻولي سيني اظهارن مان سگهارو ۽ عام ذريعو آهي. پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ نه رڳو احساس ۽ جذبن جو اظهار ڪجي ٿو پر ضرورتن جو به اظهار ڪيو وڃي ٿو. ٻوليءَ ۾ وري ادب کان وڌيڪ بهتر ۽ مؤثر اظهار جو ٻيو وسيلو ناهي. اندر جو اظهار پنهنجي لاءِ نه پر ٻئي ڪنهن هڪ يا هڪ کان وڌيڪ انسانن لاءِ هوندو آهي . ادب ۾ نثر هجي يا نظم اهو عام ماڻهن يا لوڪ لاءِ هوندو آهي. جڏهن سمورو ادب لوڪ لاءِ آهي ته پوءِ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته رُڳو “لوڪ ادب” سان ئي لوڪ لفظ ڇو ٿا ڳنڍيون؟ اظهار جي لحاظ کان سمورو ادب لوڪ ئي هجڻ گهرجي پر اسان جي عالمن ادب جا مختلف حصا رڳو سڃاڻپ لاءِ جوڙيا آهن جيئن:

لوڪ ادب، اساسي، ڪلاسيڪي ادب، ۽ جديد ادب وغيره.

ادب جي مختلف قسمن کي ٻوليءَ، صنفن گهاڙيٽي ۽ دؤر جو فرق واضح ۽ الڳ الڳ ڪري ٿو. ٻوليءَ مان مراد قديم ۽ ٺيٺ ٻولي / لهجا ۽ هاڻوڪي دؤر ۾ ڪتب ايندڙ ٻولي وغيره آهي.

اسان جي سموري ادب جو بنياد لوڪ ادب آهي جنهن کي زنده رکڻ لاءِ خاص ڪري سگهڙ يا لوڪ شاعر پاڻ پتوڙيندا ۽ اڳتي وڌائيندا پيا اچن لوڪ ادب جي شروعاتي وصف اها هئي ته اهڙو ادب جيڪو عام ماڻهن ۾ تمام گهڻو مشهور هجي ۽ ان جي تخليقڪار جي به خبر نه هجي هر ڪو

ماڻهو ان کي پنهنجو سمجهي. اڳتي هلي لوڪ ادب جا تخليقڪار بہ سامهون اچڻ لڳا. سندن تخليقن ۾ شاعرن وانگر سندن تخلص ۽ ذاتيون ۽ نالا بہ اچڻ لڳا. لوڪ ادب جنهن جا سرجيندڙ رڳو سگهڙ هئا, ان ۾ عام شاعرن ۽ ليکڪن بہ پنهنجو حصو ڳنڍيو عام شاعرن ۽ ليکڪن لوڪ ادب جي صنفن تي بہ طبع آزمائي ڪرڻ شروع ڪئي. هن دور ۾ جيئن شيخ اياز, استاد بخاري, تاجل بيوس ۽ ٻين لوڪ ادب جون صنفون هوجمالو مورو ۽ ٻولي وغيره بہ لکيون, ڪن وري تحقيق وسيلي لوڪ ادب کي ترقي ڏياري جيئن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ, ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو وغيره. انفرميشن ٽيڪنالاجي جي ترقي انٽرنيٽ ۽ موبائل فون جي وڌندڙ استعمال انساني زندگي ۾ تمام گهڻي تيزي ۽ بهتري آڻي ڇڏي آهي. ان سان ٻهراڙيءَ واري زندگي تيزيءَ سان شهري زندگيءَ ۾ تبديل ٿيندي پئي وڃي. انهن تبديلين جو تڪڙو اثر ٻوليءَ ۽ ادب تي بہ پئجي پيو.

ان صورتحال ۾ لوڪ ادب جي وصف بہ جڻ تبديل پئي ٿئي. سگهڙ عام شاعريءَ جي صنفن تي ۽ عام شاعر سگهڙائپ وارين صنفن تي طبع آزمائي پيا ڪن. سگهڙ لاءِ جيڪو عام تصور هو تہ هُو اڻپڙهيل هوندو آهي اهو بہ تبديل ٿي ويو آهي. هاڻي سگهڙ وٽ رسمي تعليم بہ اچي چڪي آهي ، ڪيترا تہ ايم اي يا ان کان بہ مٿي جي تعليم رکن ٿا. هن وقت لوڪ شاعري اهڙي شاعريءَ کي سمجهيو وڃي ٿو جنهن ۾ ٻهراڙيءَ جي عڪاسي ٿيل هجي ان ۾ ٺيٺ لفظ ڪتب آيل هجن ۽ ان ۾ ڪسوٽيءَ جو عنصر وڌيڪ هجي ڳجهارت يا سوال وارو انداز بہ هجي. عوام ۾ گهڻي مقبوليت ۽ مشهوريءَ وارو عنصر بہ ڪمزور ٿيندو پيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ ميڊيا ۽ تعليم وڌڻ سبب ٻين ٻولين جهڙوڪ انگريزيءَ, اردوءَ ، عربيءَ ۽ هنديءَ جو اثر سنڌي ٻوليءَ ۽ خاص ڪري نئين نسل تي تمام گهڻو پيو آهي, جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جا ٺيٺ لفظ متروڪ ٿيندا يا مرندا پيا وڃن ٽيڪنالاجي سبب زندگيءَ جو ڪار وهنوار ئي تبديل ٿي ويو آهي. هاڻي نہ رهيو آهي نار نہ ئي هر ۽ پاڃاري ۽ ڏاندن جو جوڙو وغيره. ان ڪري لوڪ ادب سمجهڻ وارا بہ گهٽجندا وڃن ٿا. جڏهن ڪا تخليق سمجهي ئي نہ سگهبي تہ اها مقبول يا عام ڪٿان

ٿيندي؟ بهرحال اهو هڪ الڳ بحث آهي جنهن تي ڪنهن ٻئي مضمون ۾ تفصيل سان لکيو ويندو.

مٿي ڄاڻايل ڳالهين بيان ڪرڻ جو مقصد اهو آهي تہ جيئن عاجز رحمت الله لاشاريءَ جي ڪيل هن پورهئي کي سمجهڻ ۾ سولائي ٿئي. عاجز صاحب دنيا جي عظيم شاعر شاهہ لطيف جي ڪلام مان سگهڙائپ کي نروار ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. شاهہ صاحب سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ هي ٻن صنفن بيت ۽ وائي ءَ تي عاليشان طبع آزمائي ڪئي آهي وٽس موضوع خيال فن ٻوليءَ ۽ شاعريءَ جون ٻيون خوبيون اعليٰ ترين درجي واريون آهن. سندس ڪلام کي هر لحاظ کان ڪلاسيڪيت جو درجو حاصل آهي هو هڪ تہ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ واري دور سان واسطو رکي ٿو ٻيو سندس ڪلام اعليٰ درجي وارو يعني ڪلاسيڪي آهي، اهوئي سبب آهي جو شاهہ صاحب جي ڪلام تي سنڌي ٻوليءَ ۾ وڏ ۾ وڏ تحقيق ۽ تشريح ٿيڻ جي باوجود اڃا گهٽي ڪوٿ محسوس ٿئي ٿي.

شاهہ صاحب جي ڪلام، پيغام ۽ زندگيءَ بابت ويهن کان وڌيڪ پي ايڇ ڊيون ۽ سوين ڪتاب لکجي چڪا آهن. سندس ڪلام مان قدامت ۽ جدت ڳولڻ جي بہ وڏي جستجو ٿي آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي پروفيسر ڊاڪٽر رخمان گل پالاريءَ شاهہ جي ڪلام ۾ موجود لوڪ ادب تي پي ايڇ ڊي ڪئي آهي، ڊاڪٽر صاحب جو ڪم اڃا منهنجي سامهون نہ آيو آهي عاجز رحمت الله جو شاهہ صاحب جي سگهڙائپ بابت مقالو بہ سال کن پهريان منهنجي نظر مان گذريو هو. عاجز صاحب ان تحقيق کي اڳتي وڌائي ڪتابي صورت ڏني آهي، جنهن تي ڪيس جس هجي.

شاهہ سائين سرتاج الشعراء آهي اسان جو تہ هو عظيم شاعر آهي ئي آهي پر دنيا جو بہ عظيم شاعر آهي سندس سرتاجيءَ ۽ عظمت کي ٻاهرين عالمن نہ رڳو مڃيو آهي پر ثابت بہ ڪيو آهي اهڙن عالمن ۾ ايڇ ٽي سورلي سرفهرست آهي، شاهہ صاحب رڳو عام شاعرن جو سرتاج ئي ناهي بلڪ سگهڙن جو سرتاج بہ آهي سمورا سنڌي سگهڙ ڪيس پنهنجو مرشد ۽ سردار پڻ مڃيندا آهن هو پنهنجين ڪچهرين ۾ شاهہ صاحب جي ڪلام

چوڻ کان سواءِ بيقرار ۽ اڌپورا هوندا آهن . لطيف جو ڪلام سندن دل ٺاريندو ۽ پيغام کين سڌي واٽ ڏيکاريندو آهي هو لطيفي پيغام پکيڙيندڙ ۽ ان ورثي جا سچا وارث آهن. اهو ئي سبب آهي تہ سگهڙن جي تنظيم “سلات” جي سرواڻ عاجز رحمت الله لاشاريءَ لطيفي لات کي اڳتي وڌائڻ جو بندوبست ڪيو آهي.

اسان جا ڪجھ عالم سڳورا کين لطيف سرڪار ۽ سندس پيغام کان سگهڙن کي پري رکڻ جي پرچار ڪندا رهن ٿا ۽ کين ڏکا بہ ڏين ٿا پر هي همراھ بہ مڙڻ وارا ناهن هي شاھ سائين جا پتنگ آهن جن لاءِ پاڻ فرمايائين تہ:

**پتنگن پھ ڪيو، مڙيا مٿي مچ،**
**پسي لهس نہ لچيا، سڙيا مٿي سچ،**
**سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڃائيا.**

(سُريمن ڪلياڻ)

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ شاھ صاحب هڪ بهترين سگهڙ يعني سٺو گهڙيندڙ يا تخليق ڪندڙ آهي شاعر بہ هڪ تخليقڪار آهي. سگهڙ ۽ شاعر لفظ تہ الڳ الڳ آهن پر معنيٰ ۽ مفهوم ساڳيو اٿن سندن ڪم بہ ساڳيو آهي سنڌ جا سگهڙ لطيف سائين کي سگهڙ چون ٿا. سڀ پنهنجيءَ جاءِ تي درست آهن شاعريءَ ۽ سگهڙائپ جا سمورا رنگ لطيف سرڪار وٽ موجود آهن. هر ڪو پنهنجي عقل سمجھ آهر پرکي ۽ پروڙي ٿو. عاجز رحمت الله بہ پنهنجي تحقيق وسيلي علمي ۽ عقلي بنيادن تي لطيف سائينءَ جي سگهڙائپ کي ثابت ڪيو آهي هُن ٻوليءَ، گهاڙيٽي، فن ۽ موضوعن وسيلي ثابتيون ۽ مثال ڏنا آهن.

چوڻي ۽ پهاڪو لوڪ ادب جي صنفن ۾ شامل آهي شاھ صاحب جي ڪلام جا ڪيترائي بيت يا انهن جا ڪجھ بند سنڌي ٻوليءَ ۾ چوڻيءَ طور ڪتب اچن ٿا جيئن:

1. **سچڻ ۽ ساٿيھ، ڪنهن اٺاسيءَ وسري**
2. **حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو.**

3. **اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي.**
4. **اي نہ مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائن سون تي.**

اهڙيءَ ريت شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ لوڪ ادب جي صنفن سينگار، هنر ۽ ڏينهن ۽ راتين وغيره وارا بيت بہ موجود آهن. عاجز رحمت الله هُنر جي مختلف بيتن جي نشاندهي ڪئي آهي. بيتن ۽ صنفن جون سمجهاڻيون ۽ وصفون بہ ڏنيون آهن اهڙن بيتن مان هتي بہ هڪ مثال لاءِ ڏجي ٿو.

**جا هَڙَ اندر جيءَ ۾ ، ساهَڙَ ٻڌي ساهہ ڪي،**
**سا هَڙَ ڇڙي نہ ساهہ جي، ساهڙ ساهڙ ريءَ،**
**ساهڙ ميڙ سميع، تہ ساهڙ ڇڙي ساهہ جي.**

(سر سهڻي)

هنر جي معنيٰ آهي ڪاريگري يا فن. شاعريءَ ۾ لفظن ڪي ڪاريگريءَ ۽ مهارت سان ئي ڪتب آندو ويندو آهي پر ڪنهن هڪ لفظ کي اهڙيءَ تہ مهارت ۽ ڪمال ڪاريگريءَ سان ڪتب آندو ويندو آهي جو هڪ لفظ جون مختلف معنائون ۽ مفهوم سامهون ايندا آهن. مٿيئن بيت ۾ بہ شاهہ صاحب هڪ عظيم سگهڙ وانگر لفظ "هَڙَ" کي نهايت ئي ڪاريگريءَ سان ڪتب آندو آهي. بيت ۾ ان جون مختلف معنائون ٿين ٿيون. لفظ "هَڙَ" ۾ "سا" بہ ڏاڍي ڪاريگريءَ سان جوڙيو ويو آهي. منديءَ تي ٽڪ لڳو پيو آهي.

هَڙَ مان "ساهڙ" ۽ ان جون بہ مختلف معنائون ٿين ٿيون سنڌي سگهڙائپ جي صنف هنر ۾ شاهہ صاحب جو هيءُ بيت شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو.

هَڙ جون مختلف معنائون هن ريت آهن.

1. هَڙ – ڳنڍ (محبت جو پيچ )
2. هَڙَ – "سا" سان گڏ – ساهڙ – ميهار (سهڻيءَ جو محبوب / عاشق ) هڪ ئي لفظ
3. هَڙَ – "سا " سان گڏ – ساهَڙَ (هتي "سا" جي معنيٰ الڳ يعني جا يا جيڪا ۽ هڙ جي معنيٰ ڳنڍ)
4. هَڙَ – "سا" سان گڏ – ساهڙ (جيڪا ڳنڍ يا پيچ)

5. هَڙَ – “سا” سان گڏ – ساهڙ (سهڻيءَ جو محبوب يعني ميهار)
6. هَڙَ – “سا” سان گڏ – ساهڙ (هتي بہ ساهڙ هڪ لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ سهڻيءَ جو محبوب )
7. هَڙَ – “سا” سان گڏ – ساهڙ (سا ـ جا يا جيڪا، هڙ – ڳنڍ يا پيچ)

هڪ ئي بيت ۾ ست دفعا لفظ هڙ استعمال ڪيو ويو آهي سچي بيت جي سمجهاڻي هن ريت آهي، سهڻي ۽ ميهار جو عشقيہ قصو مشهور آهي سهڻي ميهار سان درياهہ تي ملڻ ويندي هئي ۽ سندس عشق ۾ تڙپندي رهندي هئي. چئي ٿي تہ منهنجي من ۾ جيڪو محبت جو پيچ يا ڳنڍ آهي اها مون کي پنهنجي محبوب ميهار ٻڌي آهي، اها ڳنڍ منهنجي ساهہ سان ڳنڍجي وئي آهي جڏهن ساهہ کي ڳنڍ ايندي آهي تہ ڦاهيءَ تي چڙهڻ واري ڪيفيت هوندي آهي، ان ڦاهيءَ کي منهنجي محبوب ميهار کان سواءِ ٻيو ڪوبہ کولي نہ ٿو سگهي. اهو ملندو تہ ڏک ۽ تڪليفون ختم ٿي ويندون اي منهنجا مالڪ اي دانهن ۽ فريادن ٻڌڻ وارا مون کي منهنجو محبوب ميهار ملاءِ تہ جيئن منهنجي ساهہ جي ڳنڍ ڇُڙي. کُلي وڃي ۽ مون کي سڪون ملي.

حقيقت اها آهي تہ هن وقت لوڪ ادب کان وڌيڪ شاهہ سائينءَ جو ڪلام مشهور ۽ عوام ۾ مقبول آهي عاجز رحمت الله جو هيءَ ڪتاب بہ ان سلسلي ۾ هڪ بهترين اضافو آهي.

مان عاجز رحمت الله لاشاريءَ ۽ ڇپيندڙ اداري “حسن درس اڪيڊمي حيدرآباد” کي هن بهترين ڪم تي مبارڪون ڏيان ٿو.

ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

ڪراچي

10-10-2016

فون نمبر : 03012399345

# مقدمو

**ڪوهہ ٿو ڪاڳر ڪورين، ويٺو وڃائين مس،**
**ڏور ٽتائين ڏس، اکر جئائين جُڙيا.**

سنڌي ادبي ڪيتر ۾ اهڙا اديب جن جو قلمي پورهيو جيڪو ڪين نہ قدبت ڪي هٿي وٺرائي سگهيو ۽ نہ ئي ڪين ڪو جوڳي مڃتا ڏياري سگهيو اهي سڳورا ساٿي ادبي ادارن جي ڪرسين جي سهاري تہ رڳو ٽڳڻ، پلجڻ ۽ سستي شهريت ماڻڻ لاءِ انهن ادارن تي قبضو ڪريو ويٺا آهن ۽ نتيجي ۾ اڳ ئي بدحالي ۽ پستي ڪي پوڳيندڙ ادارا ويتر پنهنجي ساک ۽ ڪارج وڃائي ويهن ٿا، جڏهن تہ ٿيڻ ائين کپي تہ انهن ادبي ادارن ۾ اهڙن ذات ڏٽين ڪي خدمت جو موقعو ڏيڻ گهرجي جيڪي ڪنهن بہ مڃتا جا محتاج نہ هجن پر ادارن جي ساک سرهائي ڪن ۽ ان جي بنيادي ڪارج ڪي بہ عملي صورت ۾ لاپائيتو بڻائي سگهن.

هن ڏس ڏنو وڃي تہ ڪوبہ ادبي ادارو آگرين تي ڳڻڻ جيترا بہ جس جوڳا ۽ لاپائيتا قدم نہ کڻي سگهيو آهي پر ان جي ابتڙ جڏهن ڪنهن ذات ڏٽي جو اڪيلي سر ڪيل ادبي پورهيو يا ڪنهن تنظيم جو پنهنجي هڙان وڙان ڪيل ادبي خدمتون ۽ ڪنهن اداري ڪي آرسي ڏيکارڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ عملي طرح پاڻ مڃايو ۽ نڀايو آهي، اها ساڳي صورتحال پيٽ ڪندي پڌري پٽ پئي ٿي تہ تحقيق ۽ ذات ڏٽين جي قلمي پورهئي ڪي ڇپائڻ ۽ انهن ڪي مڃتا ڏيڻ جي عمل ۾ بہ ادبي ادارا پوئتي رهجي ويا آهن ۽ تنظيمن جي محنت ۽ محبت عملي طور سرس رهي آهي.

هن رخ ۾ سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم "سلات" جو پنهنجي سگهڙائپ ۽ لوڪ ادب جي تحقيق، ڇپائي ۽ ذات ڏٽين ڪي مڃتا ڏيڻ، لوڪ ادب ميڙاڪا ڪوئائڻ، نامور ذات ڏٽين جا ڏهاڙا ملهائڻ ۽ انهن جي پورهئي تي ويهڪون ڪرائڻ ۽ ڪين مڃتا ڏيڻ ۽ ڏيارڻ ۾ ڪڏهن ڪنجوسي ڪان ڪم نہ ورتو آهي پر سرڪاري ادبي ادارن جي مُک ڪرسين تي ويٺل

ساڻين کي بہ ڪوٺ ڏئي مان ۾ ميتا جا وڙ ڪيا آهن. جنهن جو سڄو سارو ثمر صلات جي سيني ساڻين ۾ خاص طور عاجز رحمت الله جي ذمي اچي ٿو.

سلات جي جوڙ جڙڻ ڪان پوءِ لوڪ ادب ۾ لطيفي فڪر ۾ بہ هڪ ٻنڌ سرجيو ۾ لوڪ ادب جا ڏات ڏٽي لطيفي فڪر جي جامع اولڙي کي بہ پنهنجي ڏات ۾ اورڻ شروع ڪيوءِ سگهڙائپ ۾ هڪ نئين صنف جوڙي "رسالو ڳجهارت" هن قسم جي نئين ڳجهارت جي جوڙ بہ لطيفي ٻولي مان جڙڻ لڳي ۽ ان ڳجهارت جي پيڇٽي بہ لطيف سائين جي ڪنهن نہ ڪنهن بيت ۾ ملي ٿي. جيڪا سگهڙن جي جس جوڳي محنت, محبت ۽ ڏات جي اوت آهي ۽ هن نئين جوڙ جڙڻ سان سگهڙن تان نہ رڳو اها تهمت لٿي تہ هو اٽپڙهيل آهن پر هن نئين عمل سان لطيفي فڪر جا اڪيچار املهہ موتين جي ونڊ بہ سڀ کي پلئي پوڻ لڳي.

رسالو ڳجهارت سگهڙائپ ۾ هڪ نئين تخليقي شروعات آهي, جنهن ڪارڻ لطيف سائين جي ڪلام ۽ سگهڙ صنفن جي صديون اڳي هڪٻئي سان سلهاڙيل سونهن. رشتي ۽ ٻين انيڪ سگهڙائپ جي صنفن جي معيارن تي لوڪ ادب ۽ لطيف سائين جي ڪلام کي نئين رخ سان پرکڻ, پروڙڻ ۽ پرجهڻ ۾ بہ آساني ٿي ۽ عملي طرح اڪيچار نسبتن کي ڏٺ, سينگار ۽ ڏور بيت جي مسبت سان نوان معنوي مٿاڇرا ۽ نسبتون, تاريخي حقيقتون ۽ فڪر ۽ رخ تجزيي هيٺ آيا ۽ هن عمل سان لوڪ ادب جي ڏات ڏٽين پنهنجي سگهڙائپ جي ڏات وسيلي لطيف سائين جي ڪلام کي عوامي ڪچهرين ۾ عام ماڻهن تائين سائين جي فڪر جي سڃاڻپ ڪرائي جيڪو ڪم ادارا ۽ سرڪاري اديب ۽ عالم بہ نہ ڪري سگهيا.

اهڙي طرح سگهڙن نہ رڳو سگهڙائپ کي لطيفي رنگ ۾ رڱيو پر لطيف سائين جي ڪلام ۾ سگهڙائپ جي صنفن ۽ رنگن کي پرکڻ ۽ پروڙڻ جي جس جوڳي جرئت ۽ جتن سان وک وڌائيندي شاهہ جي شاعري ۾ سگهڙائپ جو رنگ جي صورت ۾ هي ڪتاب لکي لطيفي فڪر ۽ فن جي همہ گيريت کي ثابت ڪيو آهي, سائين عاجز رحمت الله جي هي ڪوشش بہ جس جوڳي آهي تہ موصوف پاڻ بہ جس لهڻي.

هن ڪتاب ۾ ٿورين گهڻن ڪچاين ۽ ڪمزورين باوجود رسالي ۾

ٻولي جي لفظن ۾ شين جي نالن جي مخزن جي وستار ڪئي آهي، ڪيترائي موضوع سامهون آندا آهن، هر موضوع ۾ هر جنس جا انيڪ نالا ٻہ ڳڻايا آهن. جيڪي سگهڙائپ جي ڪنهن بہ صنف جي سگهہ ۾ وسعت جي واڌ ويجهہ جو ڪارڻ ثابت ٿيندا.

محترم عاجز رحمت الله جو رسالي سان ڪو گهرو رشتو شايد نہ رهيو هجي، تنهنڪري بيتن ۾ بہ ڪجهہ فرق محسوس ٿئي ٿو ۽ ڪجهہ موضوعن ۾ جنسن جي نالن ۾ بہ ڳاٽيتي جي کوٽ محسوس ٿئي ٿي، جيئن دريائي وهڪرن جا نالا ڳڻائيندي ڏاڳي ڏورو سندن نظر کان اوجهل رهيو آهي.

**جڏهن ڏاڳي ۾ ڏورو، ٻئي وهندا هئا ٻيليار ۾.**

ساڳي طرح اٺن جا نالا ڳڻائيندي اٺ جي نالي “گرو” ۾ ڪجهہ هن بيت ۾ شامل نالا بہ رهجي ويا آهن.

**دوڪ دهليا جت، گنئورا هلن نہ گس ۾،**
**چئو سال ئي نہ چلڻا، ٿي تنگ نهاري تت،**
**سوڏي انين سيد چئي، پوءِ پانجارين پرت،**
**ان اڙانگهي پنڌ جي، ڪا نيشن پوءِ نرت،**
**سسئي وڏي ست، جا اهڙي پر پنڌ ڪري.**

1. دوڪ: ٻہ ڏندا، پنجن يا ڇهن سالن جا اٺ
2. پانجارين: قوہ جوان اٺ
3. نيشن: پورا جوان اٺ

هن ڪتاب ۾ هٿ جي هنرن، ڪرت ڪار ڏنڌا، پيشا سوڻ ساٺ، ريتون، رسمون، رواج ۽ انهن جو خوشي ۽ غمي جي نسبت سان ورهاست ۾ ستاءُ جي کوٽ سان گڏ لغت جي حوالي سان لفظن جي کوٽ بہ محسوس ٿئي ٿي ۽ سوين لفظن جو وستار ڪري سگهجي ٿو ۽ اڪيچار عنوان بہ شامل ڪري سگهجن ٿا.

جيئن ڪاسائڪي ڪرت سان تعلق رکندڙ لفظ ڪنار آهي، جنهن جي شڪل انگريزي، اکر ايس (S) جهڙي هوندي آهي، جنهن ۾ ڪا

سائي گوشت ٽنگيندو آهي.

**سوري سينگاري، اصلن عاشقن کي،**
**لڏيا ڪين لطيف چئي، ٽيا نيزي نظاري.**

⊙⊙⊙

**پاپو هي هيڪار، مونهان پڇيو سڄڻين،**
**الست بربکم، چيائون جنهن وار،**
**سندي سو ڪنار، تن تڏها ڪون نہ لهي.**

⊙⊙⊙

**چوري چنگ ٻنگ لهي، حبيبن هنيوس،**
**ٻجهان ٻاڻ لڳوس، ڪانارئو ڪر ڪٽي.**

⊙⊙⊙

**ڪانارئا ڪُٺڪن، جنين لوھ لڳن ۾،**
**محبت جي ميدان، پيا لال لڇن،**
**پاٺهي ٻڌن پٽيون، پاٺهي چڪئا ڪن،**
**وٺان واڍوڙين، رهي اڇجي راتڙي.**

جڏهن سورهين ۾ بهادرين جو ذڪر ڪجي ٿو تہ صدين جي ڏکهي تاريخي اهڃاڻ "مِهن جي دڙي" مهين جي نسبت سان بہ مختلف نحوي بناوت جا ڪجھ لفظ ملن ٿا جيئن مهائي ۾ مهاين ۾ هڪ ٻيو لفظ ڇڳير بہ ملي ٿو.

**اڳيان اڏين وٹ، پوين سر سنبا هيا،**
**ڪاٹ تہ پوءِ قبول ۾، مڇڻ پيا پيين گهٹ،**
**مٿا مهاين جا، پيا نہ ڏسين پٹ،**
**ڪلاڙڪي هٹ، ڪُسڻ جو ڪوپ وهي.**

⊙⊙⊙

**آيا اُجارين تنڪ، تراريون تيئرا،**
**سانگيون سائن هٹ ۾، ڪلهنئون نہ لاهين،**

**اپائي آهن، مُهائي مرڻ تي.**

⊙⊙⊙

**ڇپر جيئن پهون، تيئن رڻ ڳجهين رائيو،**
**ونڪا ونڪن گڏيا، ٻوڙيو ڏين ڌهون،**
**مُهاين وهون، نير مهانگون ڪنديون.**

⊙⊙⊙

**علاءُ الدين آئيو، ڪٽي ڇل ڇڳير،**
**کهين ڪن همتيو ڪانہ جهليندو ڪير،**
**سومرين سامر ڪنئين، ابڙي ڪيو اٿ ڀير،**
**هو مُهاين مير، پر مستورا تن ماريو.**

مهين لفظ جي بگڙيل صورت ۾ مذهبي اثر ڪارڻ "مهين" ڦري موهن يا موئن ٿيو مهن هڪ قبيلي جو نالو هو جن کي سنڌ جي هن دڙي جا رهواسي ۾ وارث سڏيو ويو آهي، هن ئي سنڌي قبيلي کي تاج صحرائي پٽي لوڪ سڏيو آهي، انهيءَ "مهين" لفظ جي نحوي بناوٽ مهائي مهاين شاه سائين جي مٿين بيت ۾ آهي جنهن جو ذڪر سراج ميمڻ صاحب پنهنجي ڪتاب سنڌي ٻولي صفحہ 192_190 تي ڪيو آهي، پٽي لوڪ ۾ مهاڻا جو تعلق بہ "مُهين"، مهاين، مهائي سان آهي.

طب يا طبيب جي عنوان هيٺ بہ واڌوڙ ۾ واڌوڙڪي منهين ۾ سازن لاءِ سگڙي، چنگ، نڙ، مرلي، ٽُبڙي، گهنڊ، لفظن جي ويسرآهي، اهڙي طرح راجا لاءِ هالارڏٽي ۾ پٽ ڏٽي ۾ ٻيلي ڏٽي لفظ ڪتل آهن. جوڳين جي نالن سري هيٺ جيڪي نالا لکيا ويا آهن، اهي جوڳين جا نہ پر مختلف مذهبن، فرقن سان تعلق رکندڙ پوڄارا آهن.

ڏور بيت جي سري هيٺ ڏنل بيت:

**دلبو منجهہ درياءَ، پکي پسي آئيا،**
**ويچارن ويساهہ، آٽي ات اڙائيا.**

هن ڪان وڌيڪ تز معنوي طرح هي بيت بهتر ٿئي ها.

**آيون ڍور ڍري، اصل سندي آسري،**
**ڪريهڙ پونءَ ڪري، پاٽا پير ڏڪويا پڪئين.**

ساڳي سري هيٺ آدم عليہ السلام جي حوالي سان ڏنل بيت

**مون ڪي مون پرين، ٻڌي وڌو ٻار ۾،**
**ايا ائين چون تہ، مڇڻ پاند پسائين.**

جي جواب طور هي بيت ڏجي تہ جيڪر مفهوم چٽو ٿي پوي.

**سڀ سمنڊين سپجي، ابر آساروس،**
**ٻاڙو پئي نہ ٻيڙي، متو منهن لڳوس،**
**ماٽڪ تي ميڙيوس، جيئن تنگ ڪيڻائين تار ۾،**

پهاڪا ۽ چوٽيون جي سري هيٺ

**گهوڙا! گهوڙا! آئون نہ جيئندي ان ري،**

هن بيت جي سرجڻ جو تاريخي ڪارڻ ڏيڻ گهرجي ها. دراصل غلام سنڌ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جي دور ڌارين گهوڙي سوارن جي ڪاهن دوران سنڌين نوجوانن جا جٿا جيڪي پنهنجي راڄن ۽ ڳوٺن جي سنڀال لاءِ جوڙيا ويا اهي انهن ڌارين گهوڙي سوار ڦورن ۽ لٽيرن جي ڪاهن جو اطلاع ائين ڏيندا هئا. گهوڙا! گهوڙا! مطلب ڌاريا گهوڙي سوار ڪاهي آيا آهن. هنن سان مهاڏي اٽڪائڻ ۽ مال ملڪيت ۽ ٻارن ۽ عورتن جي بچاءُ لاءِ تيار ٿي وڃو.

هن ئي سري هيٺ ڏنل بيت

**مران، متو پٽيان، نهاريان نيٽان، (نيران)**
**سخن جي سندان، آئون نہ جيئندي ان ري.**

هن بيت جي پهرين سٽ جو آخري لفظ نيٽان نہ پر نيران آهي ۽ ان جي معنيٰ نيراني نہ پر نهري، نيري ڍوري ڏي اشارو آهي ۽ ان جوءِ ۾ سيد جمال شاهہ ڏيئي وارو، ڏاتو فقير ۽ ٻين ٻن بزرگن ڏي اشارو آهي، جن سان لطيف سائين رهاڻيون ڪيون ۽ انهن جي سخت ساروٽين ڪي سارينديءَ هي

بيت چيو.

هن حوالي سان اجا گھڻو ڪجھہ لکي سگھجي ٿو ۽ گھڻي ڊيگھہ ٿي ويندي پر ايترو اعتراف ڪرڻو پوندو تہ لطيف سائين جي رسالي ۾ سگھڙائپ جي اڪيچار صنفن جا اھڃاڻ موجود آھن ۽ عاجز رحمت الله ھي ڪتاب لکي سگھڙن ۽ محققن لاءِ تحقيق جو نئون رخ سامھون آندو آھي ۽ ساٿين کي اڳتي وڌائڻ ڪ گھرجي ۽ لطيف سائين جي عوامي شاعري ۾ سگھڙائپ جي صنفن کي چٽو ڪري سگھڙ سنگت بہ پنھنجي ٻولي ۽ فڪر، فن، سٽاءُ، ھنر، ڏور بيت ۽ ڳجھارت ۽ خاص طور رسالو ڳجھارت کي اجا سگھارو ڪري سگھي ٿي.

**سليم پٺو لطيفي**

14-11-2016

## لطيفي فن ۽ فڪر جي پرچار!

دنيا جي عظيم شاعر ۽ ڪامل ولي حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمۃالله عليہ جي فن ۾ هر طرح ڪان رهبري سمايل آهي ۽ اهڙي رهبر جي آفاقي پيغام اندر هر هڪ موضوع چڱيءَ ريت پسي سگهجي ٿو.

سهڻي سنڌ ڌرتيءَ جي هن انقلابي شاعر جو شعر انهيءَ منزل تي پهتل آهي، جنهن جي پروڙ بہ پوري پئجي نٿي سگهي. سگهڙن جي امام ۽ شاعرن جي سرتاج ڪي اهڙا لفظ بہ قلمبند ڪيا آهن. جن جي مقصد تي پهچڻ لاءِ وڏي دماغ جي ضرورت آهي . حقيقت ۾ شعر جي صحيح معنيٰ شاعر جي سيني ۾ ئي هوندي آهي ۽ ٻيا وري عقلي دليل پيش ڪندا آهن.

حال جي حقيقت ڪي ڏسئون ٿا تہ اڄ اسان سنڌي لوڪ ڇڙوڇڙ آهيون.

**“واٽون ويهہ ٿيون، ڪهہ ڄاڻان ڪيهي ويا”**

اسانجي سوچ ۽ عمل ۾ ٻڏي ڪانهي، جڏهن تہ سنڌ، سنڌي ٻولي، سنڌو، سنڌي لوڪ ۽ انهن جا وسيلا اسان کان هڪ ٽيڙ جي وينتي ورجائي رهيا آهن پر ڪوبہ گڏيل ۽ مجيل ميدان ڪونهي جو سڀ گڏ ٿي سگهون پر اسانجي آفاقي شاعر ۽ سگهڙن جي امام حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو پيغام ۽ فڪر ئي آهي جنهن سان اسان سڀ هڪ ٿي سگهون ٿا.

ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اسان پنهنجو قومي ڪردار سنوارڻ لاءِ پنهنجي ثقافتي، تهذيبي، تاريخي ۽ قومي سڃاڻپ ڪي شاهہ سائينءَ جي مهان شخصيت سان سلهاڙيون ۽ شاهہ سائينءَ ڪي پنهنجي فڪري ۽ نظرياتي ٻڌيءَ جي نشان جو مان ڏيون جنهن ۾ نہ رڳو اسان سنڌ واسين لاءِ پر سڄي سنسار لاءِ چڱائي ، خير ۽ خوشي سمايل آهي.

قومن جو عروج ۽ زوال، انهن جي تهذيب، ثقافت ۽ علم ادب سان سلهاڙيل آهي ۽ پڻ دنيا ۾ اهي ئي قومون خوش نصيب ليکجن ٿيون، جن وٽ پنهنجو ادبي سرمايو موجود آهي پوءِ ڀلي تہ انهن جا خزانا هيرن ۽ جواهرن جي چمڪ دمڪ کان خالي هجن.

ان ادبي سرمايي مان اڄ هي ڪتاب "شاهہ جي شاعريءَ ۾ سگهڙائپ جو رنگ" اوهانجي هٿن ۾ آهي جنهن کي سهيڙي سموهي ترتيب ۽ تحقيق جي رنگ ۾ رنگيندڙ کي بظاهر ڪنهن ڊاڪتريٽ جي ڊگري نہ بہ ڪٽي هجي پر سندس ڪم کي تاريخي طور اوليت ملڻ کپي.

عاجز رحمت الله لاشاري هڪ سگهڙ ٿي ڪري لطيف سرڪار جي سگهڙائپ کي عام ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. هن کان اڳ شاهہ سائينءَ جي سگهڙائپ واري فني موضوع تي ڪوبہ ڇپيل ڪتاب نظر مان نہ گذريو آهي، پر جي ڪنهن ٻئي عالم، اديب، محقق يا دانشور ان موضوع تي ڪم ڪري پاڻ تائين محدود رکيو بہ هجي تہ سنڌ واسين کي ڪهڙو فائدو؟!

هن ڏات ڏڻي سگهڙ انهن کي آرسي ڏيکاري ان طرف ڌيان ڇڪايو آهي تہ لطيف سائين جيڪو آهي ئي سگهڙ تہ ان جي سگهڙائپ تي تحقيق ڇو نٿي ٿئي؟ جي ٿئي ٿي تہ ظاهر ڇو نٿي ڪئي وڃي.

عاجز رحمت الله کان اڳ پڳون پائيندڙ اجرڪون اوڍيندڙ ۽ پاڻ کي شاهہ جو شيدائي سڏيندڙ ڪوڙ سارا سگهڙ ٿي گذريا آهن ۽ ڪي اڃا بہ انهن دعوائن جا ٻول ٻولي رهيا آهن پر انهن سيني کي حام جي حد تائين ڇڏيندي لاشاري صاحب عملي ڪم ڪري ڏيکاريو ڇو تہ سندس فڪري سوچ اقربا پروري کان الڳ، درباري خوشامد کان پاڪ ۽ صوفيانا آهي ۽ اهڙن صوفين لاءِ صوفين جي سرتاج حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمۃالله عليہ فرمايو آهي تہ:

**صوفي لاڪوفي، ڪونہ ، ڀائينس ڪير،**
**منجهان ئي منجهہ وڙهي، پڌر ناهيس پير،**
**جنين جو ساڻس وير، ٿئي تني جو واهرو.**
(شاهہ)

صوفين جي پوئواري ڪندڙ هن ڏاهي ڏات ڏڻيءَ لاءِ ڏڻيءَ در دعاگو

آهيون تہ الله پاڪ کيس اجا بہ قلمي سگهہ کي سگهارو ڪري تہ جيئن مرشد هادي لطيف سائين جي فن ۽ فڪر کي عام ڪرڻ سان گڏ اسانجي قومي ادب جي آبياري ٿيندي رهي آمين.

**سرها ڏٺم سي، جنين ساڃاهہ سراڻ جي،**
**تيغ تنين جي کي، ڪٽ نہ لڳي ڪڏهين.**
**(شاهہ)**

رهبر لطيف سائين جو فڪري پوئلڳ

**فقير علي ڏنو خان نظاماڻي**

ڳوٺ فقير غلام حيدر نظاماڻي، هالا، ضلعو مٽياري سنڌ

## پنهنجي پاران

# لوڪ ادب مشاهدو ...!

ڏٺو وڃي ته سنڌ جي هر ادب شناس پنهنجي ٻوليءَ جي عوامي يا قومي ادب لاءِ جاکوڙيو آهي ۽ لوڪ ادب جي سهيڙ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان نالو ڳڻايو آهي پر انهن سڀني ۾ زياده “لوڪ ادب” جي کوج ڪرڻ ۽ ڳوٺن ۾ وڃي ڪچهريون ڪوٺائي، لوڪ ادب جا جدا جدا روپ سهيڙڻ سان گڏ ان جو تنقيدي اڀياس ڪرڻ جي حوالي سان جن عالمن باقائده شروعات ڪئي تن ۾ مُحسنِ سنڌ علامہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جا نالا سونهري اکرن ۾ درج ٿيل آهن. جن جاکوڙين ڏونگر ڏوري، رڻ پٽ روڙي، ڳمرڳي سنڌ جو چپو چپو گُهمي، سنڌي لوڪ ادب جا املهہ ماڻڪ گڏ ڪيا آهن ۽ انهن جو چونڊ حصو ڇپائي ظاهر بہ ڪيو آهي، جنهن وسيع پيماني تي تحقيقي ڪم ڪري پاڻ ملهائڻ ۾ هنن هزار ڀيرا ڪيرون لهڻيون.

سنڌ اندر لوڪ ادب بابت تحقيق ۽ ترتيب ۾ ٻين بہ ڪيترن ئي مسلمانن توڙي غير مسلم اديبن ۽ ڏاهن پاڻ ملهايو آهي، انهن ۾ ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، انجنيئر عبدالوهاب سهتو ڊاڪٽر ڪمال جامڙو، سيد ميران محمد شاهہ اول، ڪوڙو مل چندن ور، نندي رام، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، عطاحسين شاهہ موسوي، محمد ابراهيم جويو، تاج جويو، پروفيسر زيب ڀٽي، عبدالحسين شاهہ موسوي، پروفيسر فهميده حسين، الله بخش نظاماڻي، ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊاڪٽر نياز همايوني، ولي محمد طاهر زادو، قاضي مقصود گل، معمور يوسفاڻي، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي، ڄيٺو لالواڻي، ڪلاڌر متوا، لالجي همٿوجي سوٿهڙ، ڊاڪٽر ٻل ديو مٽلاڻي، ڀيرومل مهرچند، گل محمد گلاڻي، رُخمان گل پالاري ۽ ٻين ڪيترن ئي ان جاکوڙ ۾ پنهنجو نالو ڳڻايو آهي.

ڏسجي ٿو تہ سنڌ جي قومي ادب "لوڪ ادب" کي سهيڙڻ جي پهرين تجويز ان وقت جي سنڌي ادبي بورڊ جي سرواڻ مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ کي سائين جي. ايم. سيد ڏني هئي جنهن بعد سنڌي لوڪ ادب کي سهيڙڻ بابت تفصيلي تجويز 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ سامهون آندي وئي. جنهن کي هڪ سال جي وٿيءَ کانپوءِ 1956ع ۾ بحال ڪرڻ بعد "لوڪ ادب اسڪيم" جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي مقرر ڪيو ويو ۽ سنڌ يونيورسٽي ۾ "سنڌي لغت آفيس" سان گڏ لوڪ ادب جي مرڪزي آفيس قائم ڪري سرڪاري طور منظور ٿيل هڪ ڪروڙ جي گرانٽ سان جنوري 1957ع کان سهيڙ جو باقاعدي سان ڪم شروع ٿيو ۽ علائقائي طور ڪارڪن مقرر ڪيا ويا. جن مان ڪجھ ڪارڪنن آفيس ۾ ويهي ڇپيل ڪتابي ذخيري مان ضروري مواد اتاريو ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پاڻ سان گڏ ڪجھ ڪارڪنن کي ساڻ ڪري هر ڳوٺ، ڳلي، واهڻ ۽ وستي سنڌ جي هر ڀاڱي جو گشت ڪري سڄاڻ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيون ۽ لوڪ ادب جي هر پهلو کي سمجهڻ ۽ ان جي خاص ذخيري کي قلمبند ڪرايو. ياد رهي تہ "لوڪ ادب اسڪيم" جي منظوريءَ وقت چاليهن ڪتابن جي سهيڙڻ ۽ تحقيق لاءِ پنجن سالن جو مدو رکيو ويو هو پر تنهن جي جاوجود بہ ان ڪم ۾ لڳاتار ڇٽيھ سال لڳي ويا ۽ مخدوم طالب الموليٰ جي ٻيهر سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين مقرر ٿيڻ بعد سندس ذاتي دلچسپي سبب اها اسڪيم جاري رکي وئي. جڏهن تہ لوڪ ادب جو سڄو ذخيرو گڏ ڪرڻ جڻ اٿاھ سمنڊ سوجهي مڙني موتين ۽ ماڻڪن کي ميڙڻ برابر هو. ان ڪري لوڪ ادب جي جملي جنسن جو مثالي مواد گڏ ڪري مجموعي طور 40 ڪتاب 1991ع ۾ ڇاپي مڪمل ڪيا ويا ۽ آخر ۾ شايع ڪيل سيني ڪتابن جو تفصيل فهرست (چارٽ) بابت ڪتاب پڻ جدا شايع ڪيو ويو.

لوڪ ادب اسڪيم تحت سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ يونيورسٽي، زيب ادبي مرڪز ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان سنڌ جي معروف اديب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق ۽ ترتيب هيٺ جملي 45 ڪتاب لوڪ ادب جي موضوع تي پڌرا ٿيا. جن ۾ ان عنوان جو پهريون ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" آهي، جيڪو 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽي شايع ڪرايو. ان کانپوءِ 1958ع ۾ "لاکو ڦلاڻي" پڻ ڇپيو ۽ آخوند عبدالرحيم وفا عباسي جي محنت سان تيار ڪيل ڪتاب "هر گنيو" سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ڇپيو. جنهن جو مقدمو ۽ ايڊيٽنگ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي هئي. جڏهن ته باقي 40 ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ ڇپيا. انهن ۾ مداحون ۽ مناجاتون، مناقبا، معجزا، مولود، ٽيهہ اکريون، هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا، جنگ ناما، واقعاتي بيت، مناظرا، سنڌي سينگار شاعري، پروليون، ڏٺون، معمائون، ٻول، ڳجهارتون، ڏور، ڳيچ، لوڪ گيت، بيت، نثر بيت، ڪافيون، سنڌي لوڪ ڪهاڻيون، مشهور سنڌي قصا، سنڌ جي سورهيائي ۽ هنرمنديءَ جو داستان، رسمون، رواج، سوڻ ساٺ، سنڌي هنر شاعري شامل آهن. جن جي ڇپائي جو سلسلو 1959ع کان شروع ٿي 1991ع دوران پڄاڻيءَ تي پهتو ياد رهي ته مٿي ڄاڻايل لوڪ ادب جي ڪتابن ۾ ڪجهہ موضوعن جو مسودو تمام گهڻو ۽ جدا جدا پهلوئن تي هو ان ڪري ٽيهہ اکريون ٻن جلدن ۾، ڪافيون ٽن جلدن ۾، سنڌي لوڪ ادب ڪهاڻيون ستن جلدن ۾، مشهور سنڌي قصا دودو چنيسر، موکي متارا، مري ۽ مگر ٽر، اڊو ڪيهر ۽ هوٿل، پري، ڦل وڏوئو ۽ پوري، لاکو ڦلاڻي، سهڻي ميهار، نوري ڄام تماچي، ليلان چنيسر، سسئي پنهون، مومل راڻو سورٺ راءِ ڏياچ، هير رانجهو عمر مارئي، ڍول مارو، مورڙو ۽ مانگر مڇ تي ٻڌل داستان ٻارنهن جلدن ۾ پڌرا ڪيا ويا آهن.

ان سلسلي ۾ سنڌ جي نوجوان محقق ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙي جي محنت کي بہ وساري نٿو سگهجي، جنهن لوڪ ادب ۽ ثقافت بابت ڪوڙ سارا ڪتاب سنڌي قوم کي ڏنا آهن، انهن ۾

1. سنڌي ثقافت جا امر آواز
2. سنڌوءَ جا گيت (سنڌي لوڪ گيتن جو تحقيقي جائزو)
3. سنڌي لوڪ ادب (مضمون ۽ مقالا)

4. ڪڇهريءَ جا مور
5. لوڪ رنگ لقمان جا (سگهڙ محمد لقمان کوکر جو ڪلام)
6. پاڪستاني زبانون ڪا لوڪ ادب (اردو)
7. رسالو ڳجهارت
8. سنڌي لوڪ ادب جو اڀياس

سنڌي قوم کي ڏئي پنهنجو نالو لوڪ ادب جي خيرخواهن ۾ ڳڻايو آهي.

اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ جيڪو علم ۽ ادب، ڳوٺاڻن، هارين، نارين، پورهيتن جي سيني ۾ سانڍيل ۽ سمايل آهي، اهو اسانکي ڪنهن بہ شهريءَ ۾ اصل ڪو نہ ٿو ملي.

ٻهراڙين ۾ رهي ڪري لوڪ ادب جا بي مثال ۽ بيشمار خزانا سينن ۾ سانڍيندڙن جي سڃاڻپ سگهڙ طور ٿيندي آهي، معنيٰ، سنو سهڻو يا سليقي مند جنهن جي ذات ۽ ڏاهپ جا گوهر نرالا ۽ نوان هجن، جنهن جي اکرن جو اچار نج ۽ لفظن جو گهاڙيٽو وزندار توڙي خوش اصلوبيءَ وارو هجي نون نقطن جي پلٽار جي باني کي سگهڙ سڏبو آهي.

سگهڙ لفظ کي مختلف معنائن ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي موجب سگهڙ سنسڪرت جي شوگهٽ مان ورتل آهي. شو+ گهٽ گهڙيندڙ- سيبتو. ٻئي معنيٰ آهي، سؤگهڙ، معنيٰ سوين قسمن جي گهڙت ڪرڻ وارو. سگهڙائپ جي فن کي پرکڻ مان پتو پوي ٿو تہ واقعي بہ ان وٽ سوين گهڙون (جوڙون+تخليقون) آهن. لوڪ ادب جي رنگ ۾ سگهڙن سنڌي ٻولي کان سواءِ ڪيترين ٻولين ۾ شاعري ڪرڻ، ڳجهارتن جي ڪيترن ئي قسمن ۾ پروليون يا تہ ڳُڻا، (گروچيلو) چوڻ، هُنر جا لاتعداد گهاڙيٽا ٺاهڻ، بيت بنا نقطي، هڪ لفظ تي واسع الشفتين (چپُ چَپَ سان نہ ملي) وغيره جهڙا ڪوڙ سارا عنوان لوڪ ادب شاعري ۾ لکن ٿا جيڪي، "سؤگهڙ" جو دليل آهن.

عوامي راءِ موجب سُگهڙ کي "سو ئي گهڙ" ڪرڻ وارو بہ چيو ويو آهي، سوئي = چونڊي، گهڙ = ٺاهڻ، جنهن جي معنيٰ چونڊي ٺاهيندڙ ٿئي ٿو.

تہ سگهڙن جون ڳجهارتون هجن يا ڏور جا بيت ان ۾ ڳجهارتن جا بند يا پاوا، توڙي ڏور بيتن ۾ ڳُجهن، لڪيل لفظن جا انبار بہ ڏات ڏٽين پاران هڪ هڪ لفظ ڪري چونڊيا ويندا آهن. ساڳيءَ ريت سينگار شاعريءَ تي “ڏهس” وارن بيتن ۾ پڻ سوئڻ ڪان ڪم ورتو ويندو آهي.

اڄان جڏهن سنڌ اندر ڪڙمڪي ڪم لاءِ مشينون ايجاد نہ ٿيون هيون ۽ نہ ئي وري سئنيما ڪلچر جو عروج يا ڪيبل توڙي ڊش اينٽينا پهتي هئي، بس خلائي رفتار ذريعي ريڊيو ئي ملڪي صورتحال جي واءُ سواءُ جو ذريعو هو تڏهن اڄاتائين انٽرنيٽ ۽ موبائل فون جو آزار نہ هو تہ ان وقت ڳوٺن ۾ رهندڙ عام لوڪن لاءِ “ڪچهري” وندر ۽ چاڻ جو مکيہ وسيلو هو. سنجهو پلاٽي هرڪو ڪڙمي، ڪاسبي، ڪم ڪار ڪان واندو ٿي، رات جي مانيءَ جو اونو لاهي اچي ڪنهن اوطاق ۾ ڪنا ٿيندا هئا. جنهن ۾ هڪڙا هوندا هئا ٻڌائڻ جا ملوڪ تہ ٻيا وري سُٽڻ جا سالڪ. وچ ۾ رکيل چلم يا حُقو بہ چڪيندا ۽ ڪچهريءَ ۾ پنهنجي پنهنجي نموني جي سوکڙي بہ ٻڌائيندا جيئن جيئن ڪچهري پئي مچندي هئي تيئن تيئن پيا باغ بهار ٿيندا هئا. من ۽ تن کي ملوڪ گفتن ۽ سهڻن سُخنن توڙي سچن ٻولن سان پيا تازو ۽ توانو ڪندا هئا ۽ ايترا تہ محو ٿي ويندا هئا جو سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ جو احساس بہ ڪين نہ هوندو هو ان ڪچهريءَ ۾ ٻئي ادبي ماحول سان گڏ ڪل پوڳ ۽ راڳ رنگ بہ ٿيندو هو ان ڪچهريءَ ۾ وڏا چاهي ننڍا، ٻار چاهي ٻڍا، عالم توڙي اڻ پڙهيل بلڪل سيئي هڪ ئي سليقي سان با ادب رهندا هئا. ڪچهريءَ ۾ پنهنجائپ ۽ پائيپيءَ وارو ماحول هوندو هو غير دستوري طور ڪجهہ بہ ٻڌائي سگهبو هو ڪچهريءَ ۾ هنر، فن جي اظهار جي عام اجازت هوندي هئي. ڪچهريءَ جي فضا ۾ ماحول ايترو تہ وٽندڙ هوندو هو جو گهڻن ڏينهن تائين ان جي ياد تازي هوندي هئي شريڪ سُريلا ۽ سيبتا سگهڙ پنهنجن لوڪ ادب جي لاتين ذريعي پنهنجو لوڪ ثقافتي ورثو قائم ۽ دائم رکندا پئي آيا.

ڏنو وڃي تہ وقت جي وهڪري نج سنڌي ٻوليءَ جي چيرڦاڙ شروع ڪري ڇڏي آهي، جنهن سبب اسان ڪان اسانجي برجستي ٻوليءَ جا اصلي

لفظ منسوخ ۽ متروڪ ٿيندا پيا وڃن. جنهن کي ڏسي هانءُ ڇڄي رهيو آهي.

اهو بہ ڪو وقت هو جو اسانجا ڪُڙمي ڪاسبي نار ۾ هُرلا هلائي ڏاندن جا هر ڪاهي، پوک پوکيندا هئا ۽ نسري نروار ٿيڻ تي ڪاڻياٽيءَ جا پيهي مٿان ويهي ٽڪاوَ ڪڍي جهار هڪليندا هئا پر جڏهن کان مشيني دؤر اچي سهڙيو آهي تڏهن کان اباڻي ڪرت ۾ ڪتب ايندڙ هزارين نج لفظ وڇوڙي جي ورلاپ ۾ اچي موڪلائيندا پيا وڃن. جنهن سبب اسان جي عوامي ٻولي غير مُروج گفتن جي ور چڙهي رهي آهي ۽ قديم ڪارائتا ٽُڙ اکر جملن مان نڪرندا پيا وڃن.

پر ڏيهي ٻولين جي والار سبب اسانجي اُسرندڙ عُروج مند ٻوليءَ کي نپوڙي، گهوگهاٽيو پيو وڃي پر اسيمبلين ۾ پهتل اسان جا ميمبر صاحبان سٽيي گره جي لالچ سبب ٻڙڪ بہ ٻاهر نٿا ڪڍن. اسان وٽان قديم رسم ۽ رواج وارا پراڻا سئوڻ ساٿ بہ ڳجهارت جو روپ ڌاريندا پيا وڃن. اسيمبلي ميمبرن سميت، اڄ جي استادن توڙي جديد ادب جي جاکوڙيندڙ اديبن جي نوجوان اولاد سامهون جڏهن پراڻي تهذيب يا ثقافت جي ڪا ڳالهہ ڇڙي ٿي تہ اهو ان جي اصلي حقيقت کان واقف نہ هجڻ ڪري ان جي ذري ذري بابت پڇاڻو ڪري ٿو. جيئن ڪنهن بنا سُر جي ڏنل ڳجهارت کي ڳولڻ لاءِ سيبتا سگهڙ ان ڳجهارت جا بند ۽ پاوا ڳوليندا آهن تيئن هي نوجوان بہ فلحال ان ڪشمڪش ۾ گم ٿي ٿو وڃي. نئين نسل جا نوجوان ويچارا تہ انهن اسڪولن ۽ ڪاليجن اندر پڙهيا ۽ ڪڙهيا آهن جن ۾ تہ سنڌي ٻوليءَ جو اير نہ پير. نالي ڪاڻ بہ ٿي انڌا منڌا، اجايا سجايا ڪتابڙا پڙهي آئي بلا سمجهي ڪم ٽپايو. اصل ٻولي سکڻ جا اهي طريقا. لفظ معنائون، اُچار ۽ اٽانگا اکر تہ سمجهيائي ڪو نہ. پوءِ مادري ٻولي ڇڏي ٻي ٻوليءَ جا پڙهندڙ تہ اهو بہ نہ سمجهندا تہ ”رَبُ“ ۽ ”ڇبُ“ ۾ ڪهڙو فرق آهي.

ان ڳالهہ کي کولڻ ضروري ٿو سمجهان تہ اسان وٽ ڳجهارت جو روپ ڌاري ويل سنڌ جي ثقافت توڙي تهذيب سان لاڳاپيل سنڌ جو لباس، اوڇڪيون اوساريون، ڇپرا، لانديون، مَنَہَ، مَڏَ، جهوپڙا، پيها، ڪنواٽي، ساندارا،

نار، هُرلو، ٽِپو، ڪارو، مارنگ، گُنديون، ليڙو، وچٽو، گُگهيون، مَٽَ، ماتوڙا، دلا، گهڙا، دليون، گڏون، ڪرمنڊل، چٺونري، وٽا، وٽيون، ڪٽورا، ڪٽوريون، تاسريون، ٿالهہ، ٿالهيون، ڍاڪون، پاٽ، پاٽڙو، تس، جَمني، جَمن، تِڦٽي، ڏوئي، چمٽو، پُرڻ، ڪڙاهي، روهي، مُبري، پائُڪي، اُڪري، مُهري، ويلڻ، چچ، دَبڪي، پنبري، چوٽائي، پاٽي، ٽوپو، ڪاسو، ساهمي، ڪٽون، ڪٽولا، پيڙها، صندليون، ٻُجڪي، دابڙو، ڏونگري، صندوق، رليون، رلڪا، پٽرٽيون، ڪٽيون، ٽپٽيون، ڍِڳڙي، ڦُلڪا، تنجڻ، مُهن رکي، مانڏاٽي، منڊيٽو، چاڏي، ڏَڪي، چلم، حُقو، چٽ، نهڪڻ، ٻِتار، ٻُچڪار، ونگار، بيگر، گهاٽا، چيچڙا، دانگي، ٽوپي، ڳنڍي، ٻُنيو سميت هزارين لفظ آهن جن ۾ ٻوليءَ جي حُسنا ڪي سمايل آهي تن تي بہ لَٽ چڙهندي پئي وڃي ۽ اهي خوبصورت لفظ بہ موڪلائيندا پيا وڃن.

جديد علمي دنيا جي ڏُبڻ ۾ ڦاٿل ڪجهہ ترقي پسند اديبن، پاران سگهڙن ڪي دهقاني ۽ اڻ ڄاڻ سڏي لوڪ ادب تي ڳنوارن، ٻڪرارن ۽ ريڍارن جي ادب جي تُهمت مڙهي، مورڳو “لوڪ ادب” کي ئي ادب تسليم نہ ڪرڻ جا هَر با هلي رهيا آهن. پنهنجي مُنهن ٻُٽڪا ڪرڻ وارن ڪي سگهڙن جي لڪيل “سينگار بيت” جي معنيٰ بہ سمجهہ ۾ ڪا نہ ايندي آهي، حالانڪ سگهڙائپ جا گفتا ڪي سؤلا ناهن، لوڪ ادب جي هڪ هڪ صنف لاءِ سگهڙن پاران خون پسينو هڪ ڪري ادبي زمين ڪي رت مان ريج ڏيٽو پوي ٿو تہ جيئن اسانجو قومي ادب سدائين سکيو ۽ ستابو رهي.

جديد ادب واري سوچ ۽ فڪر جي حامين پاڻ سدائين پرڏيهہ کان آيل غزل ۽ قطعہ جي قيد ۾ رهي ڪري نثر کي بہ آزاد نظم سڏيو آهي، ڪين اها خبر بہ ناهي تہ شعرٿيندو ئي سالم آهي جنهن ۾ قافيہ ۽ رديف جي پابندي لازمي آهي، ساڳئي وقت ڪجهہ جديد ادب جي ماهر سڏائيندڙن، سگهڙن کي ان ڪري بہ شاعر تسليم ناهي ڪيو تہ انهن وٽ بحر ۽ وزن ناهي، پر مان انهن کي ٻڌائڻ گهران ٿو تہ پٽ ڏٽيءَ جي بيتن ۾ اوهان جو ٻڌايل فاعل مفعول وارو قانون تہ ڪونهي! پوءِ ان کي بہ شاعرن جي صف مان خارج ڪريو. چو تہ اهو آهي ئي پنهنجي رنگ جو شاعر، سندس تعلق نسبي طرح سان الله جي آخري

رسول ڪريم ﷺ جي ذات سان آهي.

مان ائينءَ چوندس تہ سچل هجي يا سامي، دلپت هجي يا روحل، ڇاڇاپد، ڇاجون ماترائون، جذبي کي ڪير روڪي؟ اندر جو آواز نڪرندو ۽ وڌندو ويو جيڪڏهن پاڻ کي بحر وزن جي قيد ۾ قابو ڪن ها تہ ايترو اثر شايد نہ هجي ها.

لوڪ ادب جي لاتين سان واڳيل ذات ڏٺي سگهڙن جي لاڪيٽي ۽ من مُٺي ٻوليءَ ۾ سليس ۽ سادا، مٺا ۽ ملوڪ گُفتا هوندا آهن. هنن جا نماڻا سُخن بہ عقلمديءَ سان پريل ٿين ٿا. سپورنج سگهڙن جي فني اُڏام بہ اعليٰ درجي جي آهي، ڳجهارت جي ڳهيرن آڏو ڳجهارت جهل ئي ڪانہ ڏئي، آئي ۽ وئي. ڏور کي ڏورڻ ڇا جو؟ آيو ۽ ويو ڪامل ذهن ۽ يگانہ خيال جي ماهرن وٽ پهاڪا بہ تمام پُختا هوندا آهن. جن کي ٻوليءَ جو مغز چيو وڃي ٿو جي ڪٺي سوچجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جو علم حقيقت ۾ آهي ئي انهن وٽ. جن پنهنجن سينن ۾ ٻوليءَ کي تڏهن کان سانڍيو آهي جڏهن کان اجان تائين سنڌي ٻولي ڪاغذ ۽ قلم جي وچ تي هئي، ٻوليءَ جي صورتخطي بہ نہ هئي تڏهن بہ هي سگهڙ هئا جن جا نقل نظير بادشاهن جي درٻارن ۾ تمام وڏي خوش اصلوبيءَ سان پيش ڪبا هئا جن ۾ فهم ۽ فضيلت جي جوت جَر ڪندي هئي.

ڏنو وڃي تہ ماضيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران لوڪ ادب اسڪيم ۾ ڇاليهہ جلد، زيب ڪتاب گهر، سنڌي ساهت گهر، مهراڻ اڪيڊمي، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، اڪادمي ادبيات يا سنڌالاجي جهڙن ادارن ڪجهہ ڪتاب شايع ڪرائي، ادبي تاريخ ۾ نالو ڳڻايو آهي ڇاڻايل ادارن سميت سيني لاڳاپيل ادارن کي سمجهڻ کپي تہ لوڪ ادب مرتب ڪرڻ جي اها بنيادي ڪڙي هئي. اصل ترقي تہ هاڻ ٿي آهي جو سگهڙن بابت اڻ پڙهيل واري ڇاپ هٽي چڪي آهي ۽ لکيا پڙهيا عالم توڙي استاد سگهڙ هن ڪڙيءَ ۾ داخل ٿيا آهن. جيڪي ٻولي ۽ ادب جي واڌاري لاءِ منظم تنظيمون ناهي ميدان تي لٿل آهن ۽ اوطاقن جي صحنن کان شروع ڪيل جدوجهد کي ادبي ادارن توڙي علمي مرڪزن جي ايوانن تائين پهچايو آهي، ڪميونيڪيشن جي جديد سهولت جو فائدو وٺندي سال، مهيني يا هفتن

جي ڪچهرين ڪي ڪال ڪانفرنس ذريعي هر روز نئون رنگ رچائي ٻوليءَ ۾ جديد دؤر جا رنگ ڀرين ٿا، هڪ خبر لاءِ صحافين پنيان ڊوڙون پائيندڙن اڄ پاڻ صحافتي ايوانن ۾ جاءِ والاري آهي ۽ پنهنجي جاڳرتا جون پاڻ اخبارون شايع ڪيا ڪن. نہ رڳو ايترو پر سرڪاري ادارن توڙي وس وارن ڏي نماڻيون نگاهون ڪٽي نهارڻ بدران پنهنجي مدد پاڻ جي جذبي تحت ڪتاب پڻ ڇپرائي رهيا آهن.

حڪومت سنڌ يا ثقافت کاتو ڪنهن موقعي تي سنڌ فيسٽيول يا سگهڙ ڪانفرنس منعقد ڪرائيندو آهي پر هي ذات ڏٽي تہ هاٽي "لوڪ ادب ميلا" "صوفي سگهڙ ڪانفرنسون" "روحاني سگهڙ ڪانفرنسون" صوبائي سطح جا "بين الصوبائي سگهڙ ڪنوينشن"، "گريجوئيٽ سگهڙ ڪانفرنس"، "صاحبِ ڪتاب سگهڙ ڪنوينشن"، "ميتا سگهڙ ڪانفرنس"، سدا حيات سگهڙ ڪانفرنس" توڙي گذاري ويل استاد سگهڙن جون ورسيون پڻ پنهنجي پيرن تي بيهي ملهائي رهيا آهن. جن پروگرامن ۾ ڪنهن اعليٰ ڪاموري يا وزير، مشير جي صلاحڪار جي شرڪت نہ هجڻ سبب وقتي ڪوريج يا پذيرائي نہ بہ ملي پر تاريخي حيثيت ضرور هوندي آهي جنهن ڪي ٻوليءَ جا قدردان وقت اچڻ تي سونهري اکرن ۾ ضرور لکندا.

آخر ۾ سنڌ واسين، لطيف شناسي جي پارکُن ۽ تحقيق نگارن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ آئون نہ ڪو علم جو ڊاڪٽر آهيان نہ ٻوليءَ جو پارکُو بس لطيف سائينءَ جي مُريدن ۾ نالو ڳڻائڻ خاطر سندس سُگهڙائپ جي فن تي هي ٿوري ٽڪي محنت ڪئي اٿم جنهن تي جامع طور لکڻ جي سخت ضرورت آهي.

نقاد شخصيتون هن منهنجي محنت تي تنقيد سان گڏ منهنجي اصلاح بہ ڪن تہ جيئن ايندڙ ٻئي ڇاپي ۾ ان کي سنواري سُڌاري سگهان. ان ڪري منهنجي عاجزانا عقل جي ڪوتاهين کي معاف ڪري پنهنجي عالمانہ راءِ سان نوازيندا.

هن اداري "حسن درس اڪيڊمي" جي نوجوان جاکوڙين انور

سولنگي، غلام علي سولنگي ۽ محمد امين لاءِ دلي دعا ڪري سگهان ٿو جن مرشد لطيف سائين جي فن بابت ڪيل منهنجي هن مختصر محنت کي ڇاپڻ جي قابل سمجهيو ۽ اڄ هيءَ محنت ڪتابي شڪل ۾ اوهانجي هٿن تائين پهتي آهي.

جن سڄڻن منهنجي هن ٿورڙي محنت تي وقت ڪڍي پنهنجي پاران لکيو آهي انهن جو پڻ احسانمند آهيان. جن ۾ محترم سائين ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو، محترم سائين سليم پٽو لطيفي، محترم رئيس علي ڏنو خان نظاماڻي، محترم سائين آغا ظفر، محترم سائين استاد سُگهڙ گل حسن "گُل" ملڪ شامل آهن.

**عاجز رحمت الله لاشاري**

باني چيئرمين

سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات)

سنڌ، پاڪستان

رجسٽرڊ 8070

0346-3685474
0301-3566707

ٻه اکر

# سگهڙائپ جي پرورش...!

لفظن جي پيچ گهڙ ۽ جڙاءَ سان ئي ٻوليءَ جي سونهن، سوڀيا ۽ ميناج ۾ اضافو ٿئي ٿو ۽ اهڙي ترتيب جو ٻيو نالو سگهڙائپ آهي.

لفظ "سگهڙ" جو ڇيد (اشتقاق) ڪبو ته ان جي معنيٰ به ساڳي ئي نڪرندي (س+گهڙ) معنيٰ سهڻي اڏاوت، لفظن جي اهڙي اڏاوت جيڪا موزون ۽ مقرر ٿيل ماپن ۾ قيد ٿي هڪڙي جهيلار سان اچارجي ته اها سگهڙائپ ٿي پوي ٿي ۽ جي ٻيءَ طرح ڏسبو ته اها شاعري آ هي ۽ شاعري هڪ اهڙي ذات را تخليق جو نالوآهي جيڪا پنهنجي تخليقڪار کي درجي بدرجي اتم ڪان اتم ڪندي ويندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته اها پنهنجي تخليقڪار کي مهانتا جي اهڙي چوٽيءَ تي رسائيندي آهي جتي ٻيا ماڻهوسندس تعظيم ۾ پوڄا جي حد تائين پهچيو وڃن.

لطيف سائين به اهڙن ئي تخليقڪارن (شاعرن) مان آهي، جنهن کي سندس قوم پنهنجو رهبر ۽ رهنما ڪري مڃيو آهي.

ڪنهن به شاعر جي مهانتا کي جانچڻ لاءِ پرک جا جيڪي عالمي معيار مقرر ڪيل آهن انهن مان هڪ اهو به آهي ته جنهن ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي وئي آهي، انهيءَ جي ڳالهائيندڙن جي هر طبقي جو ماڻهو سندس شعرن مان شعور وٺندو ۽ ورجائيندو هجي، اهو لطيف سائين ئي آهي جنهن مذهب، سياست، سماجيات، معاشيات، فلسفي، نفسيات . تاريخ توڙي جاگرافي کان ويندي فن ۽ هنرتي به لکيو ۽ ڳايو. اهو ئي سبب آهي ته جتي هر ساڃاهہ وند، ڏاهو سمجهو تاريخدان، عالم فاضل، مذهبي روحاني پيشوا، ۽ وگياني ڪانئس رهنمائي حاصل ڪري ٿو اتي هاري ناري هنرمند مزدور، سياسي سماجي ڪارڪن قومي وحدت لاءِ جاکوڙيندڙ ماڻهو ۽ سرحدن جي حفاظت تي مامور سپاهي به لطيف جي لفظن مان اتساهہ وٺن ٿا.

نوجوان سگهڙ ۽ سک نہ سمهڻ واري جاکوڙي ڪارڪن عاجز رحمت الله لاشاري بہ لطيف کي پڙهڻ، پرجهڻ، سمجهڻ ۽ پرکڻ جي ڪوشش ۾ سندس شاعري ۾ جيڪو سگهڙائپ جو رنگ پسيو تنهن کي هُن، هڪ مقالي جي صورت ۾ لکيو. لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيو ۽ اڄ ڪتابي صورت ۾ ڇپائي اسان آڏو پيش ڪيو. عاجز جو هيءُ ڪم پنهنجي موضوع جي لحاظ کان بلڪل نئون ۽ اڇهيو ڪم آهي. بنا ڪنهن وڌاءَ جي چئي سگهجي ٿو تہ عاجز هن ڏس ۾ آئيندي جي محققن لاءِ هڪ نئون گس ڏنو آهي.جنهن لاءِ کيس سلام پيش ڪندي اميد ساريان ٿو تہ سندس محنت صاب پوندي ۽ هي مرادون ماڻيندو.

**آغا ظفر**

حيدرآباد

# لوڪ ادب جو اوسيئڙو...!

سنڌ ۾ جتي اديب، دانشور، محقق، عالم، ڏاها، ليکڪ ۽ برک صحافي پنهنجي ذهني ۽ قلمي پورهيئي سان جنگ جوٽيون پيا اچن، اتي صدين جي تهذيب، قديم روايتن جي امين لوڪ ادب جي تخليقڪارن ۽ سنڌي ٻولي جي محافظ سگهڙن بہ پنهنجي حال آهر جاکوڙ جاري رکي آهي، ڪجهہ ڏات ڏڻي جديد سهولتن جي کوٽ سميت اعليٰ تعليمي ادارن جي درسي تعليم نہ هجڻ باوجود پنهنجو پاڻ ملهائي رهيا آهن. سگهڙن وٽ عقل جو اونهو سمنڊ ۽ ڏات جو اڻ ملهہ خزانو آهي جيڪو سرڪاري ادارن جي ڪرسين تي ويهي پگهارن تي ڪم ڪندڙ قلم ڌڻين جي پٽ ڪي واڪو ڪري ٿو. سگهڙن جي سٽاءَ سان سرجيل هر لفظ موتي ڪان سهڻو ۽ مشڪ جهڙو هڳاءَ ڏيندو پيو محسوس ٿيندو آهي.

سنڌ جي اڻ ڳڻين ڏات ڌڻين ڌرتي سان محبت جي ترجماني ڪندي تاريخ ۾ پنهنجو نالو ڳڻايو آهي جنهن جي تسلسل تي نظر پوندي تہ سندن ئي ڇانوءَ ۾ ڏات جي ڏاوڻ تي اڳتي اپري آيل انيڪ سگهڙن ، ثقافت ۽ تهذيب جي ترجماني ڪندي اوطاقون آباد ڪرڻ توڙي نڪور تخليقون ايجاد ڪرڻ ڪان وسان ناهي گهٽايو. تنهن جي باوجود بہ سنڌ جي ڏات ڏڻي سگهڙن توڙي لوڪ ادب کي اڄا تائين سرڪاري سطح تي ڪابہ گهربل موٽ نہ ملي سگهي آهي. سرڪاري توڙي ادبي ادارن جي بي ڌياني سبب ڪجهہ سگهڙن تہ پنهنجو فن سيني ۾ سانڍي هن دنيا کي الوداع چيو پر ڏکن، سورن ۽ دردن جي ديس ۾ همت ۽ حوصلي ڪان ڪم وٺندڙ باقي رهيل سگهڙن جون اوطاقن تائين محدود ٿيل ڪچهريون ۽ ذهني تخليقون جيڪي هزارين بيتن تي مشتمل آهن سي اُڌيهي جي ور چڙهي رهيون آهن.

انتهائي حد درجي جي نظر اندازي سبب لکيل لوڪ ادب جي حفاظت لاءِ کي بہ واسطيدار ادارن طرفان جوڳا قدم ناهن کنيا ويا، جنهن سبب سگهڙن ۾ سخت پريشاني جي لهر ڇانيل آهي، ٻئي طرف اڪثر ٻهراڙين جي ڳوٺن سان واسطو رکندڙ هارپي تي گذر سفر ڪندڙ هنن

سپورنج سگهڙن جي تنگ دستي ۽ پريشان حال کين چيلهه چڀي ڪري ڇڏي آهي، سگهڙ ڪچهرين مان عوام جو شوق گهٽجي وڃڻ سبب اوطاق ڪچهريون زوال طرف وڌي رهيون آهن، جنهن سبب ڏات ڌڻين جي هن صورتحال کي ڏسندي سگهڙن جي تنظيم ”سلات“ جديد دور جي سائنسي ۽ ٽيڪنالاجي سهولتن جو فائدو وٺندي موبائيل فون ذريعي روزانہ گهرن ۾ ئي موجود سگهڙن سان ڪچهري رچائي پئي وڃي. سگهڙن جو فن بچائڻ توڙي سندن مالي سهڪار ڪرڻ لاءِ نہ ئي سنڌ سرڪار پاران ڪو فنڊ مخصوص ڪيو ويو آهي نہ ئي ادبي ادارن، ڪو تحرڪ ورتو آهي. تنهنڪري لوڪ ادب کي تمام ڪاپاري ڌڪ رسيو آهي.

سنڌ جي قديم تهذيب ۽ تاريخي حيثيت رکندڙ سنڌي ثقافت جو مرڪز اوطاق، ڊاڙيل ڪلچر، موبائيل فون، ڪيبل ۽ انٽرنيٽ جي مصروفيتن سبب پنهنجو مان ۽ حيثيت وڃائڻ لڳي آهي، ڌرتي ڌڻين ماضي ۾ هميشہ محبت جي امين هجڻ جو ڪردار ادا ڪندي پنهنجو پاڻ ملهايو آهي پر وقتي حالتن ۽ زماني جي گردشن سبب باشعور قوم جي سڃاڻپ رکندڙ اوطاق ويران ٿيندي پئي وڃي، سنڌ جي ڀهراڙين جي مهمان نوازي ڪٽ تي ٽُڪ جي رلي مٿان ويهاري آڌر ڀاءُ ڪانپوءِ سرنهن جي ساڳ، مريئڙي ۽ هرڀي جي ڀوڙ توڙي لسي ماني جو رواج چانهہ اچڻ ڪانپوءِ ختم ٿيندو پيو وڃي، جديد مشينن جي ايجاد سنڌ جي ڏاند گاڏي جو پڻ خاتمو آڻي ڇڏيو آهي، جنهن سبب مڪمل ڪار ونهوار مشينري ذريعي منٽن ۾ حل ڪيو پيو وڃي، ڊالڊا جي دور اچڻ ڪانپوءِ مکڻ جون ماٽيون ۽ کير جا وٽا ماضي جو اهڃاڻ بڻجي چڪا آهن.

جنهن سبب اڄ جو نوجوان نسل هوٽل جو هيراڪ بڻجڻ توڙي تفريح گاهن تي پڪنڪ ملهائڻ کي اهميت ڏئي ٿو ساڳئي وقت ڪيبل، انٽرنيٽ ۽ موبائيل فون ماڻهن جا خيال مٽائي ڇڏيا آهن جنهن سبب محبتن جا ميلا ۽ قربتن جا ڪٽ ختم ٿيندا پيا وڃن.

هوڏانهن بدامني جي باهہ جي نتيجي ۾ اوطاقي ماڻهو پنهنجا ماڳ

ڇڏي ڪنهن شهر جي پِر ۾ اچي وينا ۽ ڪن ويچارن تہ اوطاقن ڪي مورڳو مال جو وٿاڻ بڻائي ڇڏيو آهي، جنهن سبب ٻهراڙين ۾ اوطاق جي ڪچهري وارو سلسلو نالي ماتر وڃي رهيو آهي.

جڏهن تہ قديم تاريخ جو حصو بڻيل ماروئڙن جي ڪاڄن سميت خوشي وارن ڏهاڙن ۾ منفرد انداز سان لوڪ ادب ۾ شامل لاڏا، گيت ۽ سهرا ڳائڻ جو سلسلو نالي ماتر رهيو آهي. جديد دؤر جون عورتون سهرن ۽ لاڏن جي جاءِ تي "مُني بدنام هوئي" ۽ "شيلا ڪي جواني" وغيره جهڙا غيرمهذب گانا ڳائين ٿيون جن سان نہ "ادا" ڪجهہ ڪڇن ٿا ۽ نہ ئي وري اسان جون "اديون" توڙي "نانيون، ماسيون" ڪو شرم محسوس ڪن ٿيون.

ڪو وقت هئو جو سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪندي ماروئڙا اجرڪن سان ڪانيون ٻڌي مٿي تي ٽوپي، پٽڪي جا سهرا سجائي پنهنجائپ جو درس ڏيندا هئا اهو منفرد رنگ پڻ گھٽجي رهيو آهي ساڳئي وقت معاشي حالتن، لاڳاپيل ڪاروبار ۽ وقتن بہ وقتن پيدا ٿيندڙ بحرانن پڻ اوطاق ڪچهرين کي پنتي ڌڪي ڇڏيو آهي.

ان سموري صورتحال کي ڏسڻ ڪانپوءِ اسان پنهنجي قومي ورثي کي بچائڻ لاءِ پنهنجي وس ۽ طاقت آهر جاکوڙ جاري رکي آهي جنهن ۾ توڙي جو وسائلن جي اڻهوند آهي پر اسان ڦُڙي ڦُڙي تلاءَ وانگر ادبي سمنڊ جون ڇوليون پلٽائي عوام کي اڻ ميو لوڪ ادب جو خزانو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اسانجي محسن دوست ۽ سگھڙن جي سرواڻي جو تاج پهريندڙ سائين عاجز رحمت الله لاشاري کي جس هجي جنهن سگھڙن جون سُهمون، ادارن جا اڻ ڏنگا رويا، مخالفن جون الزام تراشيون، طرح طرح جا طعنا ۽ مهڻا پنهنجي سر تي سهي هن ذات جي ڏيئن کي روشن ڪرڻ ۽ ذات ڏٽين جي پر گھور لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي.

هن کان اڳ اسان جي تنظيم "سلات" نہ رڳو ڪچهريون ڪرائڻ تائين محدود رهي آهي پر کوڙ سارن سگھڙن جا ڪتاب پڻ شايع ڪرايا

آهن ۽ رسالا توڙي اخبارون پڻ ان جو جيئرو جاڳندو ثبوت آهن. "سلات" تنظيم سنڌ، بلوچستان جي سگهڙن جي نمائنده تنظيم هئڻ جي نہ رڳو ٺلهي دعويٰ ڪئي پر ان ۾ عملي ڪارڪردگي بہ ڏيکاري آهي جنهن جو هن کان اڳ شايع ٿيل ڪتاب "سهڻل جا سينگار" ۽ "سگهڙن جي جامع ڊائريڪٽري" ان جو پڪو دليل آهي.

حڪومت سنڌ توڙي سرڪاري ادارن جو سهڪار هجي چاهي نہ هجي، بس اسان پنهنجي هڙان وڙان واري جاکوڙ انساني همدرديءَ جي بنياد تي جاري رکنداسين ۽ ڪڏهن بہ الله پاڪ جي ڪامل مدد کان نااميد نہ ٿينداسين.

اوهانجو پنهنجو

**گل حسن گُل ملڪ**

سيڪريٽري جنرل: سلات

مبارڪپور، ٿل، جيڪب آباد

# شاھ جو لوڪ رنگ...!

سگھڙ ۽ سگھڙائپ جي فن تي نظر رکندي سڀ کان پھريان دنيا جي عظيم سگھڙ ۽ شاعر حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي آفاقي شاعري تي نظر رکي اھو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي ٿي تہ سمورا سگھڙ لطيف سائين جا پوئلڳ آھن ۽ بنيادي سگھڙائپ جي تاريخ تہ نہ ملي سگھي آھي پر ان فن کي نئين نڪور نجيٽي واري ٻوليءَ ۾ عروج عطا ڪندڙ ھن فن جو باني "لطيف سائين" آھي. ان عظيم شاعر، انسانيت جو آواز، مفڪرن جي منزل، گوھرن جي گفتار، سڄاڻن جي ساڃاھ، صوفين جي صداقت، اديبن جو عشق، فاضلن جو فڪر، عالمن جو علمي خزانو ڏاھن جو ڏانءُ، ننگدارن جو نانءُ، سگھڙن جي سونھن، شاعرن جو سرتاج، جنھن تي لکڻ لاءِ ڪيئي ڏينھن ۽ راتيون کپن.

ڀٽائي گھوٽ جي شاعري کي پڙھڻ ۽ پُرجھڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ، ڳائڻ ۽ ھنڊائڻ، سمجھڻ ۽ سُڻائڻ، سھيڙڻ ۽ سموھڻ، لکڻ ۽ لکائڻ، ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ وارا، اھي پياسي پتوئڻ وارا، گذريل ڪيترن ئي سالن کان ڪيئي آيا، ڪيئي ويا، ڪيئي آھن، ڪيئي ايندا، ڪيئي ويندا، پر سندس سوچ ۽ الاھي راز مڙني کان مٿيرو آھي.

لطيف سائين پوري دنيا جو شاعر آھي، پوري دنيا جي تصوير پر خصوصي طرح پوري سنڌ جي تصوير پنھنجي ڪلام ۾ وڏي خوبصورتيءَ سان سھيڙي، سينگاري، چاھ سان چِٽي آھي، جنھن جو ڪو مثال نہ آھي. لطيف سائين سنڌي عوام جي مروجہ سليس، سادي ۽ سلوٽي زبان ۾ ھڪ عوامي شاعر طور بلند خيالي، نفسيات جي نائڪ سان فڪر جي ڦرھيءَ تي نقش نگاري ڪئي آھي، سا انساني دلين جي عميق گھرائين تائين پھچي، عجيب رقت، جدت ۽ محويت پيدا ڪيو ڇڏي. سندس لفظن ۾ ڪرت بابت ھاري، ھر، ٻج، ڇيڙ، پوک، ڪُت، ناڙي، ڪانيو ڪٽا، ڍنگھر استعمال ڪيل آھي تہ ڪٿي پکين جي پچار ۾ ڪونجون، ڪونج، ڪونجڙيون، ڪونجڙي،

ڪونجل، ڪانگ، ڪبوتر، ڪانيرو، ڪانگو، ڪانگل، ڪانگيرو، چٻ، اُلو، دُدو، بورائو، باز، ڳجهہ، گُرڙ لکيو اٿائين. جڏهن تہ جانورن ۾ روجهہ، هرڻ، اٺ، وڇڙو، گهوڙو، شينهن، قيصر، هاٿي، سيارڙو (گدڙ)، ڪانپوءِ موتي، سگبان، پونچو، اُلير، گُلر، جنبور، شڪاري، چوهڙو، ڏاڪاريو، چئي ڪُتي لاءِ ڪيترائي نالا آندائين. ساڳئي وقت جڏهن ندين ڪي نروار ڪري ٿو تہ سنڌو، مهراڻ، مياٽي، ڪينجهر، ڍورو، هاڪڙو، پٽيهل، ٻليار، ڍاڪو، ولاسو ۽ پُراڻ جي پيارن نالن ڪي نشانبر ڪري لکيائين. ان ڪانسواءِ هر قسم جي پيشي سان تعلق رکندڙ مختلف ڪاريگرن جي عادتن، اطوارن ۽ رسم رواجن جي احوالن ڏيڻ سان گڏ لطيف سائين سندن جذبن، اُڌمن، خوبين ۽ خامين جو ذڪر پڻ اهڙي پيرائتي نموني سان ڪندو هليو آهي، جيئن ڪو ڪامل مرشد پنهنجي سُلوڪ جي سالڪ ڪي اشارن ۽ استعارن، تشبيهن ۽ تمثيلن سان فطرت جي ڪتاب جا سبق پڙهائيندو هلندو رهندو هجي.

شاهہ هر ان شيءِ جو ذڪر ڪيو جا سندس نظرن مان گذري، جيئن قرآن شريف ۾ ڪوريئڙي (عنڪبوت) جهڙي خسيس جيت جو بہ ذڪر آهي، تيئن رسالي شريف ۾ بہ ڪُتي ڪان وٺي سيارڙي ۽ شينهن تائين، ڪنگ ۽ ڳجهہ ڪان ويندي هنج تائين جا مثال ڏنل آهن. انهن ۾ اُٺ، گهوڙا، گڏهہ، مينهون، مڇ، مور، هرڻ، هُماءَ، هنج، تاڙا، تتر، باز، ڪبرون، ڪونجون، ڪرول، سَپ، سِپون، چَڙيون، چَتون ۽ ڇيها سڀ اچيو وڃن ٿا. مثالن سان انهن جي فطرتي خوبين ۽ خامين جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ڪانپوءِ سگوري سيد سِڪ، صلح ۽ سلامتيءَ سان، باعزت ۽ پرامن نموني ۾ زندگي گهارڻ جا جيڪي گُر ڏسيا آهن، اهي ديس وارن لاءِ هڪ حتمي حڪم جي حيثيت رکن ٿا.

لطيف سرڪار عوامي ادب جو شاعر يعني سگهڙ هو. ان بابت فقير محمد قاسم راهمون جا سندس مرتب ڪيل رسالي "شاهہ جو گنج" ۾ شايع ٿيل اهي اکر بہ شاهدي ڏين ٿا تہ:

دراصل لطيف سرڪار جا پارکو اهي پياسي ۽ اداسي ماڻهو توهان ڪي جهنگن توڙي جهرن، ٿرن توڙي برن، بيابانن توڙي بيرانن، جبلن توڙي

لڪن، ڍنڍن توڙي ڍورن، دريائن توڙي سامونڊي پٽيءَ تي رهندڙ سروپچن ۽ پِٽن تي رهندڙ ٻُلارن، ڪڇ تي رهندڙ ڪوهيارن، لاڙ جي رهندڙ لاڪيٽن، وچولي جي رهندڙ ولهارن، اتر جي وسندڙ اوتارن، سَرو جي رهندڙ سٻاجهن ماڻهن وٽان ئي شاهہ صاحب جي شاعري جي سڃاڻپ، ڄاڻ ۽ پرک ملندي، اصل ۾ شاهہ صاحب ڪي سُڻڻ وارا، اهي سچا صحبتي ماڻهو اهي منا ۽ محبتي ماڻهو اهي هنر مند ۽ هاري، اهي ڪوري ۽ ڪنڀار، اهي ساٽيهہ جا سنگهار، اهي ويڙهيچا ۽ وينجهار، اهي سٻاجها ۽ سانگي، اهي جيءُ چوندڙ جهانگي، اهي بحر جا بادشاهہ مير مهاڻا، اهي نماڻا ناڪئا، اهي لوهہ ڌمڻ وارا لوهار هئا، اهي سٻاجها ۽ صدورا، اهي وڙائتا وينجهار هئا، جن وٽ سچائيءَ جي سرهاڻ، روح واري رِهاڻ، محبت واري مانداڻ متل هئي، جيڪي هر وقت عشق ۽ اُڪير، سڪ منجهان سَرير ۾، صدما ۽ سور سانديڻ، اندر ۾ اورڻ، جيءُ ۾ جذبا رکندڙ روح جا راڻا هئا.

(شاهہ جو گنج، مرتب: محمد قاسم راهمون)

مطلب تہ شاهہ صاحب خود انهن سان گڏ ويهي انهن جا ئي سور سُڻائڻ شروع ڪيا ۽ انهن ڪي ئي سندن ڪهاڻيون ٻڌائڻ شروع ڪيائين، پاڻ سنڌ ۽ هند جو ڳچ حصو گهمي پاڻ ڪي سنڌ جي واهڻ، ڳوٺ، شهر ۽ هر آبادي سان سلهاڙي ڇڏيو. سنڌ جي ڪِرت ڪار، ڌنڌي داڙي، ڪيٽ ڪري ۽ ڇَپي ڇَپي جا حوالا مشاهدي هيٺ آڻي بيتن ۾ بيان ڪري پنهنجي ڪلام ۾ مٽيءَ جي محبت، مهانتا، ڌرتي جي عظمت، ساٽيهہ جي سونهن ۽ سڳنڌ، ٻلاري ٻونءِ جي تخليقي قوتن کي ڳايو آهي.

لطيف سرڪار پنهنجي بيتن ۾ سماج جي عوامي ڪردارن سميت جنهن ڪرت جو ذڪر ڪيو آهي، سو سڀ سگهڙائپ وارو رنگ آهي، ان ڏيٺ ۽ مشاهدي موجب شاهہ سائين شراب ناهيندڙ ۽ پيئندڙ، حڪيم ۽ مريض، اوٺي ۽ پانڌي، شڪاري ۽ تماشائين، وينجهر ۽ صراف، ٻيڙياتا ۽ سوداگر، ڪنير ۽ سونارا، پنجارا ۽ رنگريز، هاري ۽ ڪاسبي، ٽوٻا ۽ مڇي

مار، موتين ۽ سِپن جا ڳوليندڙ توڙي واپاري، پير ۽ مريد، جوڳي ۽ مانڌا، سنياسي ۽ ويج، ڪاتيار ۽ ڪوري سميت جن به هنرن ۽ هنرائتن ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي، تنهن کي سگهڙائپ چئجي ٿو. لطيف سائين سماج سان لاڳاپيل ڪرت توڙي قصا ۽ ڪهاڻيون، جيڪي ڏنيون ۽ ٻڌيون، انهن سڀني کي پنهنجي رنگ ۾ رنگي عوامي طرح سان بيت لکيا. سندس اکين ڏٺي مشاهدي ۽ قلب جي ڪارب ۾ جو ڪجھ آيو ان کي پنهنجي لازوال لفظن ۾ امر بڻايائين.

# لطيفي لاٽ ۾ عوامي ادب....!

مشرقي توڙي مغربي شاعرن جا شعر پڙهيل ماڻهو سمجهي سگهن ٿا پر هن سگهڙ ۽ عوامي شاعر جو شعر عام خاص، جاهل عالم، جهنگ جي جهانگيءَ کان وٺندي وڏي ۾ وڏي علامہ تائين مقبول ۽ پسند آهي. سادن ۽ سليس لفظن ۾ اعليٰ خيال، دقيق ۽ اونها پيچيده مسئلا اهڙي نموني سان ڳتب آندا اٿس، جو ارسطو جهڙا استاد اڄ بہ اگر پيدا ٿين تہ حيران ۽ دنگ رهجي وڃن.

**مثال طور!** چنڊ، سج، تارا، ڳتيون، جبل، هوائون، سمنڊ، درياهہ، ڍنڍون، ٻيڙيون، جهاز، رڃ، مڇ، سڙهہ، ٻيرقون، درياءَ جا وهڪرا ۽ وهہ، ان جي دهشت ۽ ڏُمر لهريون ۽ سَپ، آچاڙا ۽ عميق، لوهار جي ڏنوٽي ۽ ساندڻ، متڪا ۽ سراٽيون، رک ۽ ڪوئلا، ڪُتا ۽ مِرون، پنجوڙ ۽ ڪناتون، لڪ ۽ پيچرا، اُٺن جا گس ۽ گُپس، تِليون ۽ توئنر، چرخو ۽ پُوٽيون، ڪپهہ ۽ سُٽ، ڪپُر ۽ ڪاريهر، مطلب تہ ڪا بہ شيءَ ناهي ڇڏي.

توهان ڏسو شاهہ سائين جي شاعريءَ ۾ پنهنجن ماروئڙن جي ماڳ سان محبت، ساٿيهہ سان سڪ، ڪلچر سان قرب، جُوءِ سان جيءَ لڳائڻ، ديس سان دل ٻڌڻ ۽ وطن جي هر شيءَ سان محبت ڪرڻ توڙي ان سان وفادار رهڻ جو سبق ملي ٿو:

**"ايءُ نہ مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائن سون تي."**

شاهہ ڀٽائي جي شاعري ۾ اُجري ۽ اڇي انسانيت، سورهيائي شُجاعت، صديقاڻي صداقت، شريفاڻي شرافت، دليراڻي ديانت، ذوقي ذهانت، محبوبي محبت، سچائي ۽ سخاوت، مهرباني ۽ مروت، نياز ۽ نوڙت، ڀائپي ۽ اخوت، عدل ۽ اخلاقيت، وحدانيت جي واڪاڻ ۽ سنڌ جي ثقافتي سرهاڻ، چڱيءَ ريت پَسي سگهجي ٿي.

سگهڙ جو بنيادي تعلق سنڌ سان آهي ۽ سگهڙائپ جي فني ارتقا بہ سنڌ سان ئي لاڳاپيل آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڀٽائي ڀلاري جون سورميون

جن ۾ سسئي، مارئي، مومل، سورٺ، سهڻي، نوري، ليلان بہ سنڌ جون ئي آهن. سندس تشبيهاتي تصور توڙي مشاهدو پسجي ٿو تہ لطيفي لات ۾ عوامي ادب جا جذبا ۽ جُولان چڱي طرح سان پَسي سگهجن ٿا. جن ۾ ساڻيهہ جي سونهن، ساوڪ جي سُرهاڻ، ڪينجهر جو قرب، منڇر جي محبت، آڙين جي اُداسي، ڪارونجهر جي ڪور، مورن جي مهڪار، پٽن جي بهاري، تاڙي جي تنوار، ڪڪرن جو ڪارونڀار، ڪنوٽين جا ڪيل، وڄڙين جا واڪا، پَلر جي پالوٽ، گاهن جي گلزاري، ساموندين جي ساروڻي، سِپُن جي سِڪ، درياهہ جا دڏڪا، چولين جا ڇيڪا، ڪُنن جا ڪڙڪا، ڪاتياري جو ڪٽڻ، ڪاپائتي ڪار، چرخو چورڻ جهڙا لاتعداد نمونا پَسي سگهجن ٿا. جن ۾ لوڪ ادب جو نجيٽو نظر اچي ٿو.

پر جي ڪٿي پرکجي ٿو تہ لطيف سائين پنهنجي اعليٰ ۽ آفاقي سگهڙائپ جي ذريعي هڪ هڪ شيءِ جا لاتعداد نالا آندا آهن، جيڪو لوڪ ادب يا لوڪ رنگ آهي. تحقيقي تشريح مطابق هيٺ مختصر نالا ڏجن ٿا.

جيئن اُٺن لاءِ استعمال ڪيل نالا:

اُٺ، توڏو، موڏو، مَيو، متارو، مهري، موڏ، توڏ، ڳرهو، ڪنوات، ڳَڪو ڪيڪاڻ، ڳوڏو ٻهاڻ، چوسالو دوڪ، دايو ليڙو لَلو چانگو پانگُر، گئونرو ڳُنگو ڏاگهو ٻوتو ٻُور پُور پٽارو وغيره.

تير لاءِ استعمال ڪيل مختلف نالا:

تير، ٻاڻ، ٻُنگو نائُڪ، سيلو پيلو باڻُ، ڪانُ، ڪمان وغيره.

سورهيه يعني بهادر لاءِ آندل مختلف نالا:

بهادر، بانڪو، بورائو، پانڊپ، پهلوان، پانو، وِيرُ، ونڪو، وَرنَهہ، هاتڪ، ڳُوپو، ڪنڌار، ڪؤنر، ماهي، مانجهي، مير، متارو، مُچڙ يارو، مَل، سائو سَڌر، شير، وريام، جهونجهار، جوڌو، جُنگ، جوان، پاونگ، راوت، دلير، دودو، ماچ، جُود، ڳچُڙي، شاهُو سورهيہ، گهوٽ وغيره.

شراب لاءِ استعمال ڪيل مختلف نالا:

ڪڪوھ، قاتل، ڪڙو، ڪڪاڻ، ڪلاڙ مئہ، مَدُ، مَنڊُ، سَرو سُرڪي، وِھُ، توھہ، زھر وغيره.

طبيب لاءِ استعمال ڪيل مختلف نالا:

ڏاھو حڪيم، طبيب، ويج، دارون، ٻُڪي، ڊيُ، ڊبڙا، حاذق وغيره.

ساز لاءِ استعمال ڪيل مختلف نالا:

ساز، سُرندو، سُرود، ڪماچ، ڪِينَرو ڪِينَر، ڪَنجھو تُنبي، تُنبير، تنبورو، تانُ، تندُ، تَنبور، دنبورو چنگ، واڄو وَڏاڻ، ولايتي، بِين وغيره.

مڱڻھار لاءِ استعمال ڪيل مختلف نالا:

مَڱتو مَڱڻو ميراسي، ماڇ، مڱڻھار يانُ، يَٽُ، ياٽُ، يُوٺو سائل، سيڪڙُو سُرنديو سورٺيو ڪِيرتيو قوال، ڪامل، جاجڪ، چارڻ، ڏاني، پينار پاٽ، ربابي، راڳائي، عليل، عطائي، پيجلئو پيجل، ٻارٽ، ٻاٽُ، لنگھو وغيره.

راجا لاءِ استعمال ڪيل مختلف نالا:

راجا، راءُ، راڄيو راڄاڻُ، راھوُ جادم، جکرو جَسکرو جڳ سکرو ڏياڄُ، ڏاتار سخي، سورٺ ور، صاحب، حاڪم، پاندپ، ٻاجھاڻو دولھہ دربار ڏٽي، مير، ملوڪ، مانجھي، مِيون، مُلڪ ڏٽي، مَٽيارو ڪامل، سَپڙ، سَٻر، کنگھار گھوٽ، حڪمدار ريسارُو حاتم وغيره.

## جوڳين لاءِ استعمال ڪيل مختلف نالا:

جوڳي، جلالي، جلپتي، جناتي، بابو بيڪاري، بيراڳي، پُوربي، پوربيا، واڻيا، ويراڳي، مهيسي، لانگوٽيا، لال، لاهوتي، صابري، سوامي، سامي، سامٽيا، سنياسي، سامِيڙا، ساچارُو سيڪڙُو آديسي، آڌوتي، پيوت، پيوتيا، يوڳي، راول، رَند، رملي، روڳي، نانگا، نپٽا، نِسورا، قُوت، ڪڙايا، ڪاپڙي، ڪلپتي، ڳن وٽيا، ڳن چير، ڳن ڀار، ڳن ڦوڙ ڳنوسريا، ڳن ڪٽ، ڪاپَٽ، ڪاراٽيا، آگهوري وغيره. مطلب تہ ڪافي لفظ ملن ٿا، جيڪي پٽائي گهوٽ سگهڙن واري سهٽي گهڙ ڪري ڪتب آندا آهن.

# شاهه جي شاعريءَ ۾ مهانتا...!

شاهه سائين جا پورهيت ڪردار به ساڳيو اتساهيندڙ تاثر رکن ٿا، هي پورهيت ڪردار به سماج جي ارتقا ۽ ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار نڀائيندي نظر اچن ٿا، سنڌي سماج جا جيڪي به هنر، ڏنڌا ۽ ڪاريگريون آهن، انهن جي پڻ خوبصورت تصوير ڪشي ڪئي آهي. **مثال**: لوهار، ڪوري، ڪنڀار، هاري، ميربحر، مالوند ماڻهو موکي جو مُنڌ چڪائڻ، اوٺار، گهريلو زائفاڻو هنر، پنهنجي بيتن ۾ سنواري پيش ڪرڻ سگهڙائپ آهي. شاهه سائين هر طرح کان پنهنجي ماروئڙن ۽ سانگيئڙن جي حال جي هيٺائين ۽ اپراين، اميدن ۽ آسرن، ڏکن ۽ سکن سان سلهاڙيل آهي. لطيف سائين جهڙو عظيم عوامي شاعر، پنهنجي ڌرتي، پنهنجي سماج جي مسئلن تي پنهنجي حڪيماڻي نظر نه وجهي اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي...!

مون اڪثر محققن، اديبن ۽ عالمن وٽان ٻڌو آهي ته شاهه سائين کان پهرئين دور جا سگهڙ خاص ڪري درٻارن جي زينت بڻيل وزيرن ۽ اميرن جي شان ۽ مان ۾ ڳڻ ڳائيندا هئا، نه انهن کي ڪُڇڻ جي اجازت هوندي هئي ۽ نه ئي معاشي مامرن جي عڪاسي ڪري سگهندا هئا. سواءِ چند عارف باالله ۽ تصوف ڏانهن لاڙو رکندڙن جي، باقي اڪثريت جو شمار بادشاهي ڪچهريون مچائڻ ۽ سندن خوشامد جا بيت چئي پيٽ گذر ڪرڻ ئي زندگيءَ جو مشغلو هوندو هو. جن جي باقيات مان ڪي سگهڙ اڄ به ان روايت موجب ڪامورن جي قصيده گوئي ڪندي نظر ايندا آهن ۽ ڪيترن جا ته لوڪ ادب جي نالي تي شايع ڪيل ڪتابن اندر ڪيترائي داستان اهڙي درٻاري شاعريءَ سان ڀريل آهن. پر جڏهن حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جهڙو ڀرجهلو آيو ته ان سگهڙائپ کي نوان رخ ۽ لاڙا ڏنا، جي چاهي ها

تہ اڄ جي عام رسمي پيرن وانگر انهن کان عقيدت جي اظهار طور پنهنجي شان ۾ قصيده لکرائي ها، ڇوتہ سيد اڳ ئي هو بس حڪم جي دير هئي. پر شاهہ سائين ائين ڪرڻ بدران ان وقت جي طاغوتي قوتن خلاف ڪڏهن ظاهري تہ ڪڏهن مخفي مام اندر قلمي جهاد ڪيو. ان مرحلي ۾ لطيف سائين پاڻ هٿ ۾ تلوار تہ ڪانہ کنئي پر ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي ڏاڪارين سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ هڪ علمي ۽ عملي مزاحمت جو بندوبست ڪيو. پنهنجي فن ۽ فڪر جي تخليقي عمل ۽ ڪردار سان هڪ سياسي مدبر وانگر رهنمائي ڪئي، نہ رڳو ايترو پر پنهنجي ڌرتي تي رهندڙ انتهائي سادن ماڻهن جي ڳالهہ ڪري پنهنجي آفاقي شاعريءَ ۾ مهانتا بخشي، جن ۾ ککيءَ ڪوڙ ۽ ککيءَ ڪاريون ڏنائين، تن کي آٿت ۽ اتساهہ بخشيائين، جن جي هٿن ۾ ڦُرَ، ڪوٽيون ۽ ڪالوڙا هئا، جن جا ڇڄ ڇڇيءَ هاٺا هئا، مُنهن جن جا ميرا، بدن جن جي بوءِ، هٿين پيرين ڇيڳرا، رنگ ۽ روءِ ۾ بي رونق، مڇيءَ سان محبت ڪندڙ ڪمذات ۽ ڪمزور، پاٻوڙن جي پوشاڪ پهريندڙ گند جن جي گود ۾، تن کي تسليون ڏئي ايترو تہ مان بخشيائين جو سدائين لاءِ سرها ٿي ويا.

ايران کي حافظ تي ناز آهي تہ عرب کي امراءُ القيس تي بانور ٿي سگهي ٿو هندستان کي ڪاليداس، انگلستان کي ملٽن ۽ آمريڪا کي لانگمن تي فخر آهي تہ سنڌ بہ شاهہ ڀٽائيءَ تي بهار ٿي سگهي ٿي. ڀٽائي ڀلارو جنهن ساري عالم جو خير گهريو، ان جو مثال سر سارنگ جو هي بيت آهي.

موٽي ماندا ٿن جي، واري ڪيائين وارَ
وِڄون وسڻ آئيون، چوڏسيين چوڏارَ
ڪي اُئيون اِستنبول تي، ڪي مٽيون مغرب پارَ
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لَهن سَمر قنديَن سارَ
ڪي رَمي ويون روم تي، ڪي ڪابل ڪي ڪنڌارَ
ڪي دِلي ڪي دَکن پورب پڇم، ڪي گُڙن مٿي گِرنارَ

**ڪن جُنبي جيسلمير تان، ڪيو بيڪانير بهارَ**
**ڪني پُڄ پڄايو، ڪي ڏِٺين پٽين ڊارَ**
**ڪي پُريون پنجاب ڏي، ڪي هلن مٿي هالار**
**ڪن اچي عمرڪوٽ جا، وسايا ولهارَ**
**سائينم سدائين، ڪرين مٿي سِنڌ سُڪار**
**دوست مِٺا دلدارَ عالم سڀُ آباد ڪرين.**

(شاهہ جو گنج/مرتب: محمد قاسم راهمون)

# شاهہ جو شاعراڻو دور...!

سنڌي شعر جا اڄوڪي زماني تائين ڪُل چار (4) دور ٿي گذريا آهن. پهريون دور اهو هو جڏهن قديم وقت کان وٺي عيسوي چوڏهين صديءَ تائين هليو. انهيءَ ۾ هندي يا برج ڀاشا جي دهرن جي نموني تي، بلڪ انهيءَ ٻوليءَ ۾ سنڌي بيت ٻن مصراعن وارا ڪم ايندا هئا. گرونانڪ صاحب، جن جو ڪلام جپ صاحب ۾ آهي، بابا تلسيداس برهمڻ، جنهن رامائڻ جو ڀاشا ۾ ترجمو ڪيو، بابا سورداس، جنهن سري ڪرشن جو ذڪر ڀاشا ۾ لکيو. ڪبير صاحب ۽ شيخ فريد صاحب، اهي انهيءَ زماني جا هندي شاعر آهن. انهن جو شعر سنڌ ۾ ايتري قدر گهڻو ڪم ايندو هو جو انهيءَ ڪانپوءِ ٻئي دور ۾ بہ ڪي سنڌي شاعر اهڙو ساڳيو شعر سنڌي يا سرائيڪي ۾ بلڪ ڀاشا ۾ بہ چوندا هئا. انهيءَ پهرئين دور وارن ڪن شاعرن جا شعر شاهہ جي رسالي جي سُر سريراڳ هنديءَ ۾ ڏنل آهن. جنهن مان ثابت آهي تہ اهو ڀاشا وارو هندي شعر انهيءَ زماني ۾ سنڌ ۾ ڪم ايندو هو. مثال:

**ڪوا سڀ تن ڪائيي چن چن ڪائيي ماس،**
**دو نينان مت ڪائيي، جن ڪو پيا ملن ڪي آس.**

ٻئي دور وارن سنڌي شاعرن يوسف فقير ڪوڪر ۽ روحل فقير ڪنڊڙيءَ واري ۽ ڪن ٻين جو بہ اهڙو شعر آهي، جنهن کي "ٻاٽيون" سڏيندا آهن. ٻيو دور عيسوي ارڙهينءَ صديءَ تائين هليو. جنهن ۾ انهن ڀاشا وارن دهرن جي نموني تي سنڌي شعر چوڻ ۾ آيو. جيئن شاهہ ڪريم جي رسالي ۾ آهي ۽ جنهن کي سڏاري، وڏائي گهڻن مصراعن وارا بيت ڪيائون ۽ انهن سان گڏ ڳائڻ لاءِ وايون چيائون. انهيءَ قسم جي شعر جو باني شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هو. انهيءَ ساڳئي دور ۾ ۽ اهڙي ساڳئي شعر ۾ مذهبي شعر مداحون، معجزه وغيره چوڻ ۾ آيا. جو ڪلهوڙن جي صاحبيءَ ۾ عام هو.

ٽئين دور ۾ ميرن جي صاحبي ٿي اچي، جا اٺويهين عيسوي صديءَ جي وچ تائين هلي، جنهن ۾ اڳوڻي سنڌي شعر سان گڏ فارسي بحرن ۽ وزنن تي شعر

چوڻ لڳا، بلڪ فارسي آميز سنڌي ٻولي شروع ٿي، انهيءَ قسم جي شعر جو باني سيد ثابت علي شاهه هو جنهن جا مرثيا، منقبت ۽ ٻيو شعر مشهور آهي.

چوٿون دور انگريز جي صاحبيءَ سان گڏ شروع ٿيو، جو اڄ تائين هلندو اچي، جنهن ۾ ٽئين دور واري شعر زياده ترقي ڪئي ۽ سنڌي ديوان ۽ ٻيو انگريزي مضمون ۽ نموني جو شعر، بلڪ انگريزي آميز ٻولي ڪم ۾ اچڻ لڳي آهي.

مٿئين مختصر بيان مان معلوم ٿيو ته اسان جو اولياءَ شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي ٻئي دور جي شعر جو باني هو. اگرچه تاريخي دستور موجب انهيءَ دور جو شعر به اڃا جهنگلي يا اڌ جهنگلي هو ته به انهيءَ دور اندر انهيءَ ۾ سڌارو شروع ٿيو ۽ باقاعدي شعر چوڻ ۾ آيو. انهيءَ سڌاري جا صورت ورتي ۽ جا شاهه ڀٽائيءَ جي ڪلام جي خاصيت شمار ۾ آئي، اها ساڳي هئي.

اڄ لڪئي پڙهئي سماج ۾ هر باشعور ماڻهو اها ڳالهه ڪري ٿو ته سگهڙ گهڻي ڀاڱي اڻ پڙهيا هوندا آهن، ان سلسلي ۾ مرحوم همايون قليچ بيگ مرزا جا هي لفظ شاهدي طور ڪافي آهن ته:

شاهه صاحب جي حياتيءَ جي احوال مان معلوم آهي ته شاهه صاحب کي ننڍي هوندي ڪا درسي تعليم نه ملي هئي، جيڪو علم حاصل ٿين، سو عالمن ۽ درويشن جي صحبت ۾، ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي وسيلي. هو پاڻ طبعي يا قدرتي شاعر هو شعر کي هنر وانگي نه سکيو هو جيئن هن زماني ۾ ضروري آهي. سڀ ڪنهن قوم يا ملڪ ۾ سچا خدائي شاعر هميشه اهڙا رهيا آهن، جو شعر نهايت ئي عمدو چيو اٿن مگر شعر جي قاعدي قانون جي ڪابه خبر نه پئي اٿن:

**شعر تن جو ٿيو مٺو جهڙي نبات،**
**پر نه ڄاڻن فاعلاتن فاعلات.**

(يادگار لطيف 1956ع، همايون قليچ بيگ مرزا)

# شاهہ جي شعرن ۾ سگهڙائپ جون صنفون...!

ڏنو وڃي تہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سمورو مذهبي مواد سگهڙائپ آهي، ڇوتہ اڄ تائين پيدا ٿيندڙ سگهڙن شاهہ سائين جي پيروي ڪندي اول الله سائين جي توحيد پوءِ پاڻ سڳورن سان محبت ۽ بعد ۾ پنجتن پاڪن سميت باقي ولين سڳورن جو پڻ شان لکن ۽ پڙهن ٿا.

سينگار:

"سنڌي سينگار شاعري" ۾ مشهور محقق علامہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سينگار شاعريءَ بابت تمام گهڻو تفصيل ۽ تحقيق سان سمجهايو آهي، جنهن ۾ لکي ٿو تہ:

"سنگار رس" لاءِ استعمال ٿيل هندي ٻوليءَ جي لغت محض سنسڪرت ۽ هندي محاورن تائين محدود هئي. سنڌ جي سجاڻ سگهڙن پنهنجي "سنڌي سينگار" فن لاءِ هڪ طرف پنهنجا انوکا سنڌي الفاظ اختيار ڪيا، ٻئي طرف "سنگار رس" شاعريءَ ۾ عام استعمال ٿيل سنسڪرت ۽ هندي اسمن کي پنهنجو ڪيو ۽ ٽئين طرف وري عربي، فارسي، ۽ بلوچي وغيره ٻولين مان انوکن اسمن جو هڪ وڏو سرمايو هٿ ڪيو. اهڙيءَ طرح "سنڌي سينگار" شاعريءَ کي انوکي ۽ ڳوڙهي اسلوب بيان ۾ ادا ڪرڻ لاءِ پنهنجي لغت ۾ هڪ وڏي وسعت پيدا ڪيائون. بلڪ ائين چئجي تہ خاص "سنڌي سينگار" فن لاءِ جڻ هيءَ نئين لغت تيار ڪيائون، جنهن ۾ سنڌي، سنسڪرت، عربي، فارسي، بلوچي، براهوي، سرائڪي، ٿري ۽ ڍاٽڪي ٻولين جي انوکن اسمن جو سرمايو شامل هو. مختلف ٻولين جي مطلوب اسمن جي واقفيت ۽ ڄاڻ کي سنڌ جي سگهڙن هڪ خاص "سگهڙپائي جو فن" قرار ڏنو جنهن کي "ڏهسنامو" ڪري

سڏيائون. ڀٽائي صاحب، جو جلال ۾ سندس ساٿين جو همعصر هو ۽ جنهن پنهنجي ذاتي فڪر ۽ طبع زاد بيان جي علاوه، ضرورت آهر هر گل مان واس وٺي پنهنجي فڪر کي عالمگير ۽ بيان کي جامع البيان بنايو. تنهن پڻ پنهنجي همعصر شاعرن جي هن نئين شاعرانہ فن ۾ انوکي اسلوب بيان کي قدري پنهنجي زباني ڳايو ۽ چمڪايو.

مثلاً :

سر ڪوهياري جا هيٺيان ٻہ بيت جن ۾ عمداً انوکن عربي لفظن کي استعمال ڪيو اٿس، سي هن معاصرانہ سينگار شاعريءَ جي ڳوڙهي اسلوب بيان جو عڪس ڏيکارين ٿا:

**"ليل" نہ جاڳيئين لِڪ سين، ڪلي "نوم" ڪياءِ،**
**"قمر" ٿي پهچ قريب کي،"اجلس" تو نہ جڳاءِ،**
**مٺي! مهمانن سين ويهي رات وهاءِ،**
**جيلانهہ ننڊ ڪياءِ، تيلانهہ روز رئين ٿي راهہ ۾.**

⊙⊙⊙

**"اجلس" ڪري اٿيا، تنواريو توڏن،**
**"نوم" نوازي ان کي، مرحبا موڏن،**
**رڙهي رس روڏن، "اَليَومُ سِيرُو" سسئي!.**

نہ فقط ايترو پر خود معاصرانہ سينگار شاعريءَ جي دلچسپ مضمونن کان متاثر ٿي، ڀٽائي صاحب هيٺيون بيت بلڪل انهيءَ رنگ ۾ چيو آهي تہ:

**گَنيَرَ گت سکن، چلڻ جي چاهہ پئي،**
**هِندوا حيرت ۾ پيا، لالي کي لبن،**
**چمڪن چوڏس چنڊ جيئن وجڙيون وهسن،**

**لوچن ٽيون "لطيف" چئي، پسڻ لاءِ پرين،**
**ڪيسر قريبن، سنباهي ساڻ ڪيا.**

(سر سارنگ، داستان ٽيون)

هن بيت ۾ "گنيرگت" (هاٿيءَ جي چال) هندوا (ڳاڙها مينهن وساوڙا جيت) ۽ ڪيسر (زعفران جنهن جي ڳاڙهي رنگ ۽ خوشبوءِ سان محبوب جي بدن جي لال ڀڪندڙ رنگ ۽ هٻڪار کي مشابهت ڏجي ٿي) خاص طرح ڏهس نامي جي لغت جا الفاظ آهن جي سينگار شاعريءَ ۾ عام استعمال ٿيل آهن.

(سنڌي سينگار شاعري: سنڌي ادبي بورڊ)

ان حوالي سان راقم الحروف طرفان ترتيب ڏنل ڪتاب "سهڻل جا سينگار" ۾ شايع ڪيل حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي سينگار شاعريءَ جا چند بيت مثال طور پيش ڪجن ٿا.

**ڪٽي نيڻ خُمار مان، جان ڪٽائون ناز نظر،**
**سورج شاخون جهڪيون، ڪو ماٺو قمر،**
**تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبر،**
**جهڪو ٿئو جوهر، جانب جي جمال سين.**

(سُر ڪنيات: د_1، ب_23)

**ناز مَنجهاران نڪري، جڏ پرين ڪري ٿو پنڌ،**
**پيونءِ پڻ بسم الله چئي، راهه چمي ٿي رَند،**
**اپيون گهٽي ادب سين، وٺي حورون حيرت هنڌ،**
**مونکي سائينءَ جو سوڳنڌ، جئن ساجن سينئان سهڻو.**

(بروسنڌي: د_3، ب_1)

**جهڙا پانن پن، تهڙيون سالون مٿن سائيون،**
**عطر ۽ عنبير سين، تازا ڪٿائون تن،**
**مڙهيائون مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن،**
**سُونهَن رُپي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن،**
**ڪيائين لال "لطيف" چئي، وڏا ويس ورن،**
**منجهہ مرڪيس من، تہ سوڍي سين سڱ ٿيو.**

(راڻو: د-3، ب-3)

# ڏور بيت...!

مشهور محقق ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو لکي ٿو تہ:

سگھڙن جي ڪچهريءَ ۾ ٻين سوکڙين سان گڏ ڏور بہ ڏيندا آهن، ڇو تہ ڪچهريءَ جو سونهن ڀريو سامان، ونڊر ۽ ورونهن جو وکر ئي ڏور آهي يا ائين کڻي چئجي تہ ڏور بنا ڪچهري اڌوري ۽ اڻپوري آهي. ويجهڙائي کان ڪي اهڙيون بہ سگھڙن جون ڪچهريون ٿينديون رهن ٿيون، جن ۾ ڪچهريءَ جو مرڪزي مواد ڏور ئي پئي رهيو آهي. ڏور، هر هڪ شاعر ۽ سگھڙ سولائيءَ سان ناهي پيش ڪري سگھي ٿو ۽ معنيٰ ۽ مطلب کان بہ پوريءَ پر، واقف ٿي ٻين کي ٻڌائي سگھي ٿو.

ڏور جي ابتدا بہ ان دور کان ئي سمجھڻ کپي، جنهن دور کان ڪچهريءَ ۾ ٻيو مواد پيش ٿيو هر هڪ چاڙهہ، وقت جي تقاضا آهر، پنهنجي پنهنجي زماني ۾ ظاهر ٿيندي رهي، تنهنڪري ائين چئي سگھبو تہ ڪيترين چاڙهن يا صنفن جي ظاهر ٿيڻ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت جي وٿي ضرور آهي پر ائين نہ جو صديون شمار ڪجن. شاهہ ڪريم، شاهہ ڀٽائي، جلال کتي توڙي ٻين جهونن شاعرن جي ڪلام مان ڏور جا بيت ملن ٿا. جهڙي طرح پرولي، ڀڳجهارت، ڏٺ، دراهي وغيره ۾ ڪانہ ڪا لڪ رکيل آهي، اهڙي طرح ڏور ۾ بہ شاعرن ۽ سگھڙن ڪانہ ڪا ڏاهپ ضرور ڏيکاري آهي، ڪچهري ۾ جا چيز پيش ٿئي، تنهن ۾ لڪ ضروري آهي تہ جيئن ڪچهريءَ جو منڊل مچي، تنهنڪري ائين ڏسجي پيو تہ ڏور ۾ بہ ڏاهن ڏٺ وانگر ڪانہ ڪا رمز ضرور رچي آهي، جنهن جي پيچ يا ڪُلڻ يا ڏوري ڏسڻ سان ڏور جو مطلب حل ٿيو وڃي، ڏور، ڏورڻ (ڳولڻ) مان ئي سمجھڻ کپي.

(لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو)

جناب محمد عالم صاحب ”عالم“ يادگار لطيف 1956ع ۾ شايع ٿيل پنهنجي هڪ مقالي ”شاهہ صاحب جو شعر“ ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي بيتن جي تشريح ۾ ڪجهہ بيت ”ڏور“ بيتن جي

نشاندهي طور ڏنا آهن:

**دلبو منجهہ درياهہ، پکي پسي آئيا،**
**ويچارن ويساهہ، آٽي اُت اڙائيو.**

هي شعر معنيٰ خيز آهي، جو مان پنهنجي ناقص عقل موجب هن ريت بيان ڪريان ٿو تہ:

درياهہ (هي دنيا)، پکي (ٻہ ملائڪ سڳورا هاروت ۽ ماروت)، يعني تہ: جڏهن آدم ذات جو دنيا ۾ دخل ٿيو تڏهن ڪيترين ئي خرابيون پيدا ٿيون ۽ ملائڪ سڳورا چوڻ لڳا تہ "اي رب سائين! تنهنجي وحدانيت کي قبول ڪرڻ لاءِ عبادت ڪي بجاءِ آڻڻ لاءِ اسان ئي ڪافي هئاسين، تو هي انسان ڇو پيدا ڪيا! هينئر دنيا ۾ ڪيترين خراب رسمون رائج ٿي رهيون آهن."

انهيءَ بعد الله پاڪ آزمائش لاءِ ٻن ملائڪ سڳورن هاروت ۽ ماروت کي انساني وصفون ڏيئي زمين تي موڪليو. جڏهن هو زمين تي آيا ۽ انسانن وانگر زندگي گذارڻ لڳا، تڏهن هڪ عورت تي عاشق ٿي پيا، سندن حالت اهڙي ٿي جو قدرت ڪانئن ناراض ٿي پئي ۽ سندن لاءِ حڪم ٿيو تہ اوهان لاءِ سزا مقرر ڪئي وئي آهي، ليڪن ان سزا ۾ اوهان خودمختيار آهيو ۽ اوهان جي مرضي تي ڇڏيل آهي تہ آخرت جي سزا قبول ڪيو يا هن دنيا جي. هن دنيا جي سزا اها آهي جو اوهان جي عام اڳيان تذليل ڪئي ويندي ۽ هن دنيا ۾ سزا اها مقرر ڪئي وئي آهي جو اوهان کي بابل واري کوهہ ۾ تا قيامت اونڌو ڪري لٽڪايو ويندو. ٻنهي سزائن مان ملائڪ سڳورن پوئين (هن دنيا واري) سزا قبول ڪئي ۽ اج تائين ٻئي ملائڪ سڳورا ان بابل واري کوهہ ۾ اونڌا لٽڪيل آهن. اها گواهي خود قرآن پاڪ بہ ڏيئي رهيو آهي.

شاهہ صاحب جو شعر هڪ حقيقت آهي ۽ سندس هڪ شعر ۾ اُها رقت آهي جا ٻئي ڪنهن بہ شاعر جي شعر ۾ نظر نہ ٿي اچي، شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ:

**قسمت آنديون ڪونجڙيون وطن سندن روهہ،**

## ڪنهنجو ڪونهي ڏوهہ رزق رازق هٿ ۾.

هي وڏو ڪمال آهي، جو سادن لفظن ۾ ڪهڙي نہ عجيب ڪيفيت قائم ڪئي وئي آهي، هي شعر بہ نهايت رازدارانہ آهي. منهنجي ناقص فهم موجب ڪونجڙيون لفظ پاڪ بيبين سڳورين لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي، جو ڪين شمر لعين ڪربلا مان قيد ڪري شام ڏانهن وٺي ويو هو ۽ روهہ لفظ مديني منوره لاءِ فرمايو ويو آهي. يعني تہ قدرت بي پرواهہ آهي جو ههڙن پاڪن پرديدارن تي ڪيتريون نہ تڪليفون عائد ڪيون ويون هيون. سندن ملڪ مدينو شريف هو ۽ اڄ هو ڪيئن ۽ ڪٿي، ڪهڙي نہ دلسوز حالت ۾ مجبور آهن.
(يادگار لطيف 1956ع)

راقم الحروف جي عاجزانہ عقل مطابق مشهور واعظي عالمن وٽان پڌل عامي روايت کي نظر ۾ رکندي هيٺيون ڏور جو بيت بہ مٿئين سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

**نو نِيَر، ڏهہ ڏاوٽيون، پندرهن پينڊ پياس،**
**بغل منجهہ بگهاڙيون، لڱين لوهہ لڳاس،**
**جُہ ساجن سنيِرياس، تہ ڇرڪ ڇنائين هيڪڙي.**

(سُر ڪنيات، د 4، ب 17/ جامع مستند شاهہ جو رسالو)

بيت جي مُراد:

حضرت نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي چاچي بيبي فاطمہ بنت اسد رضي الله تعاليٰ عنها جيڪا حضرت ابوطالب سائين جي گهر واري ۽ مولا علي مشڪل ڪشا جي امان سائڻ هئي، جن جي پيٽ مبارڪ ۾ جڏهن حضرت مولا علي شير خدا تشريف فرما ٿيا، تڏهن پاڻ سڳورا ٻاهر کان جنهن وقت گهر ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا تہ ان وقت امان فاطمہ بنت اسد اٿي بيهندي هئي، ان سندن اٿي بيهڻ تي ڪجهہ قريش جي ماڻهن اعتراض ڪيو تہ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن ننڍا ۽ بيبي فاطمہ بنت اسد وڏي آهي، هئڻ ائين کپندو هو تہ جنهن ويلي امان سائڻ اچي تہ پاڻ سڳورا ادب ۾ اٿي بيهن، پر هتي ان جي ابتڙ پاڻ سڳورن

جي اچڻ تي امان سائڻ اٿي بيهي ٿي. ان ڪري ڪين حضرت ابو طالب سائين ڪي چئي امان بيبي فاطمہ بنت اسد کي اٿي بيهڻ کان منع ڪيائون. جنهن تي بيبي سائڻ فرمايو تہ مان پاڻ اٿي نٿي بيهان، پر منهنجي بطن مبارڪ ۾ جيڪو ٻارڙو (حضرت علي عليہ السلام) آهي، اهو مون کي اٿڻ تي مجبور ڪري ٿو. جنهن ڳالهہ تي عرب جي اعتراض ڪندڙ ماڻهن ڀروسو نہ ڪيو ۽ آزمائڻ خاطر امان سائڻ جا هٿ پير ٻڌي گهر ۾ ويهارڻ کان بعد حضرت ابو طالب سائين کي چيائون تہ هاڻي پنهنجي ڀائٽيي حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي سڏ ڪيو ۽ جڏهن پاڻ سڳورا صہ گهر ۾ آيا تہ واقعي بہ امان سائڻ جي پاڪ بطن ۾ موجود ٻارڙي (حضرت علي عليہ السلام) پنهنجي طاقت جي آڌار تي امان کي اٿڻ تي مجبور ڪيو ۽ اهي رسا ۽ زنجير ٽُٽي ويا ۽ مٿيون بيت بہ لطيف سائين جي چوڻي مطابق ان روايت جي شاهدي آهي.

ڏور بيت کي نظر ۾ رکندي لطيف سائين جو هي بيت بہ ساڳي نشاندهي ڪري ٿو تہ:

**مون کي مون پريَن، ٻڌي وڌو ٻار ۾،**
**ايا ائينءَ چون، تہ مڇڻ پاند پسائين.**

(سُر آسا، د 4، ب 19/ڪلياڻ آڏواڻي)

بيت جي مراد:

جڏهن حضرت آدم عليہ السلام کان جنت ۾ منع ڪيل داڻو کائڻ واري لغزش ٿي، تڏهن کيس هن سرزمين تي موڪليو ويو ۽ ان واقعي تي لطيف سائين جو هي بيت سگهڙ ڏيندا آهن. جيڪو شاهہ سائين روحاني طور حضرت آدم عليہ السلام جي چوڻيءَ طور لکيو آهي.

# هُنر...!

مٿي بيان ڪيل لوڪ ادب جي صنفن سينگار ڏهس ۾ ڏور بيت ڪانپوءِ هنر واري عنوان تي اچون ٿا. جيڪا سگهڙن طرفان صنف عام آهي ۾ مختلف عنوانن سان مشهور آهي. ان سلسلي ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا ٻه ڪيترائي بيت، سگهڙائپ واري هنر سان ملندڙ آهن پر نموني طور صرف هڪڙو بيت ڏجي ٿو. مشهور محقق ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو هنر بابت راءِ ڏيندي لکي ٿو ته هنر فارسي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي فن، ڪاريگري، ڪاريگر جو ڪيل ڪم تڏهن ظاهر ٿيندو جڏهن ڪري ڏيکاري مثال: پٿر، ڪاٺ ۽ مٽي، جڏهن اصلوڪيءَ حالت ۾ آهن، تڏهن انهن ئي نالن سان سڏجن ٿا، پر جيڪڏهن ڪاريگر انهن شين کي پنهنجي اٽڪل ۽ استاديءَ سان ڪا موزون شڪل ڏئي ته اهو سندس هنر چئبو. ان مان ثابت ٿيو ته هنر شيءَ جي اصلوڪي حالت جو نه بلڪ ان مان ٻي بڻايل موزون حالت جو نالو آهي، جيئن ”پٿر“ مان تراشيل شڪل ”آهُر“، بُت، ”روهي“، ”روهڙو“ وغيره. ڪاٺ مان ”ڏوئي“، ”گهڙامنجي“، ”صندل“ وغيره ۽ مٽيءَ مان ”مَٽ، ڪُنو، دِلو“ وغيره. نالا ڏئي سگهجن ٿا. اهڙي طريقي سان شاعر ۽ سگهڙ لفظن، جملن ۽ بيتن ۾ ڪا رمز رچي هنر جي معنيٰ رکندا آهن.

شاهه سائين جو هي بيت به ان نموني جي هڪ ڪڙي آهي.

**جا هڙ اندر جيءَ، سا هڙ ٻڌي ساهه کي،**
**ساهڙ ڇڙي نه ساهه جي، ساهڙ ساهڙ ريءَ،**
**ساهڙُ ميڙ سميع، ته ساهڙ ڇڙي ساهه جي.**

(سر سهڻي، د 7، ب 13/جامع مستند شاهه جو رسالو)

لفظن جي چيرِ: (1) جا+هڙ: جا = ڳنڍ (2) سا+هڙ: سا = ڳنڍ (3) ساهڙ = محبوب

مقصد ته جيڪا منهنجي جيءَ ۾ پنهنجي پيار واري ڳنڍ منهنجو محبوب ٻڌي پاڻ کي دل ۾ قابو ڪري ويو آهي، سا ايسيتائين ٻڌل هجي، جيسيتائين سريءَ ۾ ساهه آهي ۽ دعا ٿو ڪري ته مالڪ سائين مون کي منهنجو محبوب ملاءِ ته ان جي وصال سان ئي دم نڪري.

# پھاڪا ۽ چوڻيون..!

هر ڪنهن سڌريل ٻوليءَ ۾ پهاڪن ۽ چوڻين جو هڪ وڏو خزانو موجود هوندو آهي، جو ان ٻوليءَ جي تحريري يا زباني ادب جو هڪ اهم ۽ مکيه حصو هوندو آهي. سگھڙ مرد توڙي گھرو سگھڙ عورتون شاعر، اديب ۽ مقرر جڏهن چاهيندا آهن، ته پنهنجي نصيحت يا اندر جي جذبات ٻين تائين مؤثر نموني ۾ پهچائين، ته اڪثر اهي پهاڪن ۽ چوڻين جو سهارو وٺندا آهن.

سنڌي زبان پهاڪن ۽ چوڻين جي حالت ۾ دنيا جي سڌريل ٻولين کان ڪنهن به طرح کان گهٽ ناهي، شاھ صاحب جي ڪلام کي پڙهنداسون ته ان ۾ ڪافي پهاڪا ۽ چوڻيون موجود آهن.

“دراصل پهاڪن جي استعمال سان ئي شاھ جي ٻوليءَ ۾ رواني ۽ سليتائي اچي وئي آهي.”

سر سارنگ جي بيت جي هيٺين مصرع پڙهو:

**“جن مهانگو لهي ميڙيو، سي ٽا هٽ هڻن”.**

هٽ هڻڻ جي معنيٰ پڇتائڻ آهي، هتي شاھ صاحب انهن واپارين جي ڳالھ ٿو ڪري جيڪي برسات پوڻ يا وسوڳ ٿيڻ سان پوءِ پڇتائيندا آهن ته “هاڻي اَن جو اگھ گهٽجي ويندو ۽ سندن نفعو ته نهيو پر اُلٽو ڪين نقصان پوندو.”

هڪ ٻيو مثال سُر مارئيءَ مان:

**“اي نه مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائين سون تي!”**

هتي “سيڻ مٽائين سون تي” عام چوڻيءَ جو گويا سياويڪ طور استعمال ڪيو ويو آهي ۽ اهڙيون ڪيئي چوڻيون شاھ جي ڪلام ۾ موجود آهن. سور ۽ درد جي آھ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ سنڌي زبان ۾ ڪيترائي اصطلاح، پهاڪا ۽ چوڻيون موجود آهن، مگر اندر جي آھ جي اظهار لاءِ جيڪو شاھ صاحب هيٺيون اصطلاح استعمال ڪيو آهي، ان کي پڙهو:

**"گهوڙا! گهوڙا! آئون نہ جيندي اُن ري."**

(رامڪلي)

اگرچہ ان جي جاءِ تي قهر، ظلم، فرياد، افسوس، قيامت، هاءِ هاءِ! شاهہ صاحب استعمال ڪري سگهيو پئي، مگر جيڪا درد جي اظهار جي قوت ۽ جذبات جي ترجماني ۾ "گهوڙا ڙي گهوڙا" ڪرڻ سان ٿئي ٿي، يقينن ٻيو ڪوبہ اصطلاح پورائو نہ ڪري سگهي ها.

ٻيو مثال:

**مران، "مٿو پٽيان"، نهاريان نيڻان،**
**سُخن جي سندان، آئون نہ جيندي اُن ري.**

(رامڪلي)

جهڙيءَ طرح "گهوڙا!، گهوڙا!" ڏک جي اظهار لاءِ اثرائتو اصطلاح آهي، اهڙي طرح "مٿو پٽيان!" بہ سنڌي زبان جو اصطلاح وڏي ڪِرِپ رکي ٿو. اُرهہُ پِٽڻ ٻين قومن ۾ بہ آهي ۽ ڳوڙها ڳاڙي ڏک جو اثرائتي نموني اظهار ڪرڻ تہ انساني فطرت جو گُڻ آهي. مگر "مٿو پِٽڻ" رڳو سنڌي ثقافتي زندگيءَ جو انفرادي گُڻ آهي، جيڪو شاهہ صاحب استعمال ڪري پنهنجي وسيع سنڌي ثقافت جي مطالعي جو ثبوت پيش ڪيو آهي. سڄو ڪلام مطالعو ڪيو تہ اهڙا ڪيئي اصطلاح، مختلف موضوعن جي ترجماني لاءِ اسان کي نظر ايندا ۽ ان مان شاهہ صاحب جي زبان دانيءَ جو اقرار ڪرڻو پوندو.

سُر سريراڳ جي هيٺئين بيت تي ويچار ڪريو.

**چڱا ڳنِ چڱايون، مَتايون مَتنِ،**
**جو وڙ جُڙي جن سين، سو وڙ سيئي ڪن.**

(سريراڳ)

هن بيت جي حيثيت اڄڪلهہ سنڌي معاشري ۾ پهاڪي ۽ چوٽيءَ

جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي. يقينن زبان جا ماهر ان ٻڌائڻ ڪان قاصر آهن تہ اها چوٽي سنڌي زبان ۾ اڳ موجود هئي. بيت جو سِٽاءُ ۽ صورت ٻڌائي ٿي تہ ان جو خالق شاھ عبداللطيف ڀٽائي آهي ۽ ان جي معنيٰ ۽ مفهوم سليٽائي ۽ سونهن ايتري تہ جاذب آهي، جو اڄ انهيءَ بيت چوٽيءَ جي صورت اختيار ڪئي آهي.

(سنڌي ثقافت ۽ شاھ لطيف: ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر)

# شاهہ جي شاعريءَ ۾ رنگن جي رونق...!

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ فيبروري 1988ع دوران ڪوٺايل بين الاقوامي سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ مشهور ليکڪ تنوير عباسي پيش ڪيل مقالي ۾ لکي ٿو تہ:

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ رنگن جو اڀياس بہ ان ڪري ضروري آهي جو ان سان هن عظيم شاعر جي ذهني رجحانن ۽ نفسياتي لاڙن جي باري ۾ ڪجهہ ڄاڻي سگهنداسين.

ڳاڙهو رنگ، شاهہ لطيف جو سڀ کان وڌيڪ مرغوب رنگ آهي، جيترن بيتن ۾ ڳاڙهي رنگ جو ذڪر آهي، اهي ٻين سڀني رنگن جي بيتن جي مجموعي انداز کان وڌيڪ آهن. شاهہ لطيف ڳاڙهي رنگ کي "لال"، "لالن"، "رت ورنو"، "ڪڪور"، "ڀنيو"، "ڳاڙهو"، "مجٺ"، "ارتو"، "ريٽو"، "رتول"، "ڪنهنبو"، "سُرخي"، "ڳڪو"، "رتڙو" سڏيو آهي. مثال طور شاهہ سائينءَ جي بيتن جون چونڊ سٽون جن ۾ ان رنگن جي رونق نروار ڪئي آهي. پيش ڪجن ٿيون:

**ان کي "لالن" لنگهايو، ساندارو سمونڊ جو.**

(سريراڳ)

**ڪڏهن پسي ڪانہ ڪا، ريءَ لالن لالائي.**

(ديسي)

**هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن ريٽو رتائون،**
**حال منهنجو هڙو جهڙو.**

(حسيني:وائي)

**آيو ڪاڪ تڙاءُ، ڪئنارن ڪڪورئو.**

(مومل راڻو)

**جھڙا گل گلاب جا، تھڙا مٿن ويس.**

(مومل راڻو)

**ڪاڪ ڪڙهي وڻ ويا، ٻريا رنگ رتول.**

(مومل راڻو)

**آب ارتو اڪئين، لڙڪ وهائين لال.**

(مومل راڻو)

**سونا ڪر ڳنن ۾، ٻڇيءَ ڳاڙها هار.**

(ليلا چنيسر)

**رتو رت رتول، مولهيو مير حُسين ع جو.**

(ڪيڏارو)

**ڏاڙهي رت رتياس، ڏند ته موتين ڳُتئا.**

(ڪيڏارو)

**رُئان رت ميڄ، هاڻي تن پرين ڪي.**

(حسيني)

**لڏو لاهِ مَ لڏ ته ڳاڙهي سج ڳالھ مِڙين.**

(حسيني)

**"اوتن ارتي ڳاڏئون"، منجهان اکين آب.**

(رام ڪلي)

**آئي مند ملهار آئون ڪنهبا ڪنديس ڪپڙا.**

(سارنگ: وائي)

ڳاڙهي رنگ ڪانپوءِ ڪارو رنگ شاھ لطيف جو ٻيو نمبر مرغوب رنگ آهي، عام طور ڪارو رنگ ماتم جو رنگ آهي پر سُر ڪيڏاري ڪانسواءِ (سو به لفظ هڪ بيت ۾) شاھ لطيف ان ڪي ماتم يا ڏک جي اهڃاڻ طور ڪتب نه آندو آهي، شاھ لطيف ڪاري رنگ کي ڀوائتي ماحول جي نقش چِٽڻ مهل پسمنظر ۾ آندو آهي، جيئن خوف ۽ خطري جو تاثر وڌيڪ گهرو ۽

ڇِتو ٿئي. سُر سُهڻيءَ ۾ ڪاري رات جو خوفناڪ منظر هن ريت چِٽيو اٿائين.

**ڪاري رات ڪڇو گهڙو، مٿاءُ وسي مينهن،**
**هڪ پئو بيراهہ جو، پيو سانپارا سينهن،**
**شال مَ ڇجي نينهن، گِهڙان گهورئو جندڙو.**

شاهہ لطيف ڪاري رنگ لاءِ فارسيءَ جو لفظ سياهي ڪم آندو آهي ۽ ڪاري رنگ يا سياهيءَ کي سور جو سبب سڏيو اٿائين. سُر ڪنيات جي هڪ وائيءَ جي سِٽ آهي:

**ڪاري جا قيام سين، هوت جنهن جو حامي.**

ساڳي طرح سُر ڪوهياري جي هڪ وائيءَ ۾ پڻ ڪاري رنگ کي بري، خراب يا بُڇڙي جي معنيٰ ۾ ڪتب آندو آهي.

**ڪري ڪوهيارو هليو، مون سين قيامت ڪاري.**

ڳاڙهي ۽ ڪاري رنگ کانپوءِ ٽئين نمبر تي شاهہ لطيف جو مرغوب رنگ آهي اڇو. اڇو رنگ اڄڪلهہ امن ۽ سلامتيءَ جو اهڃاڻ آهي.

**چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان نہ پريَن سان،**
**تون اڇو منجهہ رات، سڄڻ نِت سوجهرو.**

(ڪنيات)

سُر آسا ۾ بہ شاهہ لطيف اڇي رنگ ۽ اڇائيءَ کي چڱائيءَ ۽ نيڪيءَ جي معنيٰ ۾ ڪتب آندو آهي.

**سُرمو سفيديءَ جو جڏهن پاتو جن،**
**تڏهن ڏٺي تن، اڇائي عالَمَ ۾.**

ساڳئي وقت سائي رنگ کي سينگار جي رنگ طور، شاهہ لطيف هڪ ماهر چترڪار/مصور وانگر استعمال ڪيو آهي، سُر مومل راڻي جو هي بيت پڙهو:

**جهڙا پانن پن، تهڙيون سالون مٿن سائيون،**
**عطر ۽ عنبير سين، تازا ڪئائون تن،**
**مڙهيائون مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن،**
**سُونهَن رُپي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن،**
**ڪيائين لال "لطيف" چئي، وڏا ويس ورن،**
**منجهہ مَرڪيس من، تہ سوڍي سين سڱ ٿيو.**

ساڳئي سُر مومل راڻي جي هڪ ٻئي بيت ۾ سائي رنگ جو استعمال ڏسو:

**سائي شال ڪلهن تي، سامي سون سري.**

سُر سارنگ جي هڪ ٻئي بيت ۾ بہ شاهہ لطيف سائي رنگ کي آسودگيءَ جي اهڃاڻ طور ڪتب آندو آهي.

**بر وٺا، ٿر وٺا، وٺيون ترايون،**
**پرهہ جو پٽن تي، ڪن ولوڙا وايون،**
**مکڻ ٻرين هٿڙا، سنگهاريون سايون،**
**ساري ڏُهن سامهيون، ٻولايون رايون،**
**ٻانهيون ۽ ٻايون، پکي سونهن پانهنجي.**

مٽيءَ جو رنگ خاڪي آهي، ان کي ڀيوت بہ چوندا آهن. اچو تہ ڏسون تہ شاهہ لطيف ان رنگ کي ڪهڙيءَ ريت استعمال ڪيو آهي.

**ڪالهہ گڏئوسين ڪاپڙي، بابو رنگ ڀيوت،**
**سرئو سين سڪوت، جوڳيءَ سندي ذات ڪان.**

(مومل راڻو)

اچو ڏسون تہ شاهہ لطيف ان جوڳين ۽ صوفين جي گيڙو رنگ کي ڪيئن ڪتب آندو آهي، هن گيڙو رنگ لاءِ لفظ "ڏاڄو" ڪتب آندو آهي.

**اڄ ملنديس ماءُ، ڏاڄا ڪنديس ڪپڙا،**

**جيجان جوڳياڻي ٿيان، مون کي جهل مَ پاءِ،**
**هوت ٻاروچي لاءِ، ڪنين ڪنر پائيان.**

(سسئي آبري)

شاهہ لطيف پِيلو رنگ بہ استعمال ڪيو آهي، مُنهن پيلو ٿي وڃڻ، سنڌي محاورو آهي، شاهہ لطيف بہ هتي ڪمزور ٿيڻ جي معنيٰ ۾ پِيلو مُنهن ٿيڻ ڪم آندو آهي ۽ پِيلي رنگ لاءِ لفظ "ميٽو" ڪتب آندو اٿائين.

**ياد گرو ڪن گودڙيا، بر بازار بيٺا،**
**پڙهن سور سبحان جي، پيَن تنهن پيٺا،**
**جيلاهہ منهن "ميٽا"، تيلاهہ نشا چاڙهيئون نينهن جا.**

(رام ڪلي)

نيرو رنگ خطرناڪ هجڻ جي اهڃاڻ طور ڪتب آندو اٿائين:

**وڏا وڻ وٽڪار جا، جت نانگ سُجهن نيلا،**
**اتي عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪليءَ حيلا،**
**جت ڪڙم نہ قبيلا، ات رسج رهبر راهہ ۾.**

(سسئي آبري)

(نرتي تند نياز سين: مرتب عبدالجبار جوڻيجو/ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو)

# شاهہ جي شعرن ۾ گاهن، ٻوٽن، ميون، ڀاڄين، اناج، وڻن ۽ ولين جو ذڪر...!

مٿي بيان ڪيل ڌرتيءَ مان پيدا ٿيندڙ سمورين شين جي حوالي سان مشهور ليکڪ ڊاڪٽر محمد جمن ٽالپر لکي ٿو تہ:

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سيلاني ٻڻجي سنڌ جي نہ رڳو مختلف ماڳن ۽ هنڌن جي وڻن، ٻوٽن، گاهن، ميون ۽ ڀاڄين کي ڏٺو پر ان سان گڏوگڏ ڪلام ۾ بہ ان جا نالا ڄاڻايا اٿس ۽ نالا بہ اهڙا جيڪي اڄوڪي دور ۾ بلڪل اوپرا ٿا لڳن يا ائين ٿو محسوس ٿئي تہ ڄڻ تہ اهي لفظ ڌارين ٻولين جا لفظ آهن. مثال: "ڦنگي" جنهن کي پاڻ "ڪُنڀي"، چئون ٿا، تنهن جو استعمال شاهہ سائين سُر سارنگ ۾ هن ريت ڪري ٿو تہ:

**"ميها، چيڙ، ڦنگيون، ٿين سپيئي ٿوڪ"**

هن سٽ ۾ بيان ڪيل لفظ "ميها" ۽ "چِيڙَ" ڀاڄيون آهن ۽ "ڦنگيون" پڻ کائڻ لاءِ ڪتب ايندڙيون آهن ۽ اهي مينهن جي موسم واريءَ جي ميدانن ۾ دڙن تي اپرنديون آهن.

شاهہ سائين جتي ويو اتي جاگرافيائي حدن ۽ اتان جي آبهوا کي بہ شاعريءَ ۾ سمائي ڇڏيائين، ان سان گڏوگڏ اتي جي ٻوٽن، وڻن، گاهن، پوکن، گلن ۽ ميون جو بہ اونهو اڀياس ڪيائين، جنهن جو اندازو سندس هن بيت مان لڳائي سگهجي ٿو.

**سَرَ، لوهيڙا، ڳپيا، ڪُسر نسريا،**
**تو ڪيئن وسريا، ڍوليا ڏينهن اڇڻ جا.**

هن مٿي ڏنل بيت ۾ ٽن مختلف ٻوٽن (سَر، لوهيڙا ۽ ڪُسر) جو ذڪر ڪندي ڄاڻائي ٿو تہ جڏهن سَر ڳپيا آهن، تڏهن ڪُسر نسرندا آهن. "ڪُسر" جن کي ڪوڙا سَر بہ چئبو آهي، تنهن جو اشتقاق ائين آهي تہ:

**ڪ= ڪوڙا+ سر= سر= "ڪوڙا سر"**

شاهہ سائين ماروئڙن جي خوراڪ، اناج، ٻاجهر، جوئر، مڪئي، ڪِهہ، سائون، سيارچ، لنب، مانڌاڻ ۽ آراڙي جي اَن بابت پنهنجن بيتن منجهہ ان ريت بيان فرمايو آهي تہ:

**آڻين ۽ چاڙهين، ڏٿ ڏهاڙي سومرا،**
**سٿا ڪيو سيد چئي، سائون سُڪائين،**
**منجهان لُنب لطيف چئي، چانور ڪيو چاڙهين،**
**پلاءُ نہ پاڙين، عمر آراڙي سين.**

(سُر مارئي)

مارئي بند اندر پنهنجي ديس جي گاهن "جن کي مارو رڌي کائين ٿا" کي ياد ڪندي رهي ٿي ۽ سندس دل اعليٰ طعامن کي نہ ٿي هرکي. پلارو پٽ ڏٽي ٿر جي گاهن جو ذڪر، مارئي واتان انهن لفظن ۾ ڪري ٿو تہ:

**چُرن، چُٽڪن چِت ۾، گهارين مٿي گهٽ،**
**ڪِهہ مانڌاڻو مڪئي، ڍوئين مٿي ڍٽ،**
**پنهوارڪي پڪڙيين وچي ڪريان وٽ،**
**ساڻيهہ سامهون سٽ، ڪندس پيچي ڪڙن کي.**

(سُر مارئي)

ٿر جي ولين ۽ وڻن بابت ذڪر شاهہ سڳورو انهن لفظن ۾ ڪري ٿو تہ:

**ورُ سي وطن چائيون، صحرا ستر جن،**
**گولاڙا ۽ گُگريون، اوچڻ اباڻن،**
**ويڙهيا گهمن ولڙين، جهانگي منجهہ جهنگن،**
**مون کي ماروئڙن، سُج ٻڌائي سيج ۾.**

ماروئڙن جي ڪاج ۽ اناج جو ذڪر سرتاج شاهہ عبداللطيف ڀٽائي انهن لفظن ۾ بيان ڪيو آهي تہ:

**منهنجو تور تلن ۾، آئون هِت بندياڻي،**
**مون ڏاڏاڻي ڏيهہ ۾، ڦرهہ ۽ لاڻي،**

**ڪندس رهاڻي، مارو پاس ملير ۾.**

شاهہ سڳورو مارئي واتان مارو ئڙن جي کاڌ خوراڪ بابت فرمائي ٿو تہ:

**ڪاج ڪئيون سڦرو، سگَر ۽ سائون،**
**سا ڪيئن ڪائي ڪارڪون،**
**جنهن ڪي ڏؤنرا ڏيج ڏنئون،**
**ڪهہ مانڊاڻو مڪٽي، قوت جنين جو سائون.**

(سُر مارئي:وائي)

ملير ۾ جيڪي ڦل ڦول آهن، تن جو ذڪر بہ شاهہ سائين پنهنجن شعرن ۾ ڪيو آهي، ملير ۾ هي ڦل ڦول ٿين ٿا، ميها، گولاڙا، ڳاڱا، ڳم، ڳنڍير، ڏٿ، ڏؤنرا، مريڙو، لُلُر، پُسي، پڪا ۽ پڪ وغيره. اهو سمورو کاڌو ملير جا ماڻهو کائين ٿا، اها شاهہ سائين جي ڪلام جي خوبي آهي جو پاڻ مارن جي کاڌ خوراڪ کي سهڻي ۽ چٽي نموني بيان ڪيو آهي. مثال طور بيتن جون چند سٽون هيٺ ڏجن ٿيون.

**مون جيڏيون ملير ۾، چونڊين موڪ ميها.**

ٻئي هنڌ آيل آهي تہ:

**سرتين ڏٿ سبيل ڪيو اگھڻ ڍوئي ڍير.**

ڏٿ بابت مارئي سڪ منجهان چوي ٿي تہ:

**ڏٿ چونڊينديس ڏيهہ ۾، ساڻ سرتين ساڳ،**
**هن مند مارو سنرا، ڪائر ۾ خوشحال،**
**سائون، سيارچ مڪٽي، جيڏيون آٽين جال.**

نہ صرف انساني کاڌ خوراڪ جو ذڪر لاڪيڻي لطيف جي ڪلام ۾ ملي ٿو پر جانورن ۽ ”ٿر جي جانورن“ جي کاڌ خوراڪ جو ذڪر پلاري پٽ ڏٺي انهن لفظن ۾ ڪيو آهي تہ:

**ڪوهر، ٿوهر، ٿر، جت سانيڪا ۽ سٿيون،**

**چارن ات چاهہ منجهان، پاسي ڦوڳن ڦر،**
**ڪيئن لهندم ڪر، جيئن مارو پاڻ اپاريا.**

وسڪاري جي مند بعد ڇا ٿو ٿر ۾ اپري ۽ اُسري، تنهن جو ذڪر شاهہ سڳوري هنن لفظن ۾ ڪيو آهي:

**پڪا پنوهارن ڏي، ميوا، مَڃَر، مڪ.**

ٻئي بيت ۾ انهن نالن جو استعمال ڪيل آهي تہ:

**جت ڪرڙ ڪتا، ڪاهيون، پال، پڪا، پڪ.**

لنب ٿر جي جانورن جو ڪاج آهي، جنهن بابت پٽ ڌڻي هنن لفظن ۾ چوي ٿو تہ:

**هن مند مارو سنرا، جيائي جالين،**
**چاريو لنب لطيف چئي، واڳيين وهارين.**

مارئي پنهنجي ديس جي وڻن کي ياد ڪندي چوي ٿي تہ:

**ڪارا ڪبڙ ڏيهہ ۾، ٻيا واريءَ منجهہ وڻاڻ.**

ٻئي هنڌ سُر مارئي ۾ ڀٽائي سڳورو فرمائي ٿو تہ:

**ساريم سيد چئي، گاڏيليون گوندا.**

اهڙيءَ ريت هڪ ٻئي ميويدار ٻوٽي جو ذڪر شاهہ ڀٽائي سُر مارئي ۾ هن ريت ڪيو آهي:

**هن مند مارو سنرا، ڍنگر ڍار رهن،**
**ڪاٽونبا ڪاڇن، مينهن وسندا موٽ تون.**

مارئي وطن وجي ڪهڙا ميوا ۽ ڀاڄيون ڪائيندي، تن جو بيان هن ريت شاهہ سائين فرمايو آهي تہ:

**سگّر ساهيڙين سين، ساڙيهہ منجهہ سٽيندي،**
**عمرا! انهيءَ ڏيهہ جا، ڪوڏر ڦوت ڪريندي،**

**گولون گولاڙن جيون، جهپي ساڻ جهٽيندي،**
**ڪوڪڙ ڪنبيرن ۾، ڦوڪيو ڦڪ پريندي،**
**عيدن برادن تي، ڪِهِہ مانڏاٽو ڪيندي،**
**پسي ڪائي پيٽ ۾، ڏؤنرا ڏن ڏيندي،**
**ڏيهہ ڏاڏاٽين پڪڙين.**

(سُر مارئي: وائي)

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي بيتن ۾ استعمال ڪيل شيون هر هڪ قسم ۾ جدا جدا ڪري لکجن ٿيون.

گاهن جا قسم:

ڪِهِہ، مڪٽي، آراڙي، مانڏاٽو لُنب، ڳم، ڳنڊير، چيهو پاهہ، آنر(لؤنش بہ چئجي ٿو)، ڪپور (ڪافور)

ٻوٽن جا قسم:

لاٽو يا لاٽي، ڦوڳ، ڪرير، ڪوٽونبا (واحد: ڪاٽونبو)، جَرُ، اڪ، ڪنڊهار، ٿُورُ، سر، چاهڪ، ڪانهن، ڪنؤر،

ولين جا قسم:

گولاڙا، سيارچ، ڪوڏر (ڪوڊير)

ڀاڄين جا قسم:

ساڳ، ميها، ڏؤنرا، چيڙ، لُلُر، پُسي، ڦنگيون (ڪنييون)

ميون جا قسم:

پڪا/پڪ، پپون، مڪ، توهہ، ڪارڪو، ڳاڱيون يا ڳاڱا، گوندا، آما (انب)، ليما، راڱا، ڦاروها، پاٻوڙا،

اَنَ جا قسم:

سائون، ڏُٿ، ڦرهہ، سڱر، مجر

وڻن جا قسم:

گُگريون (گُگري/ڪنؤر جو وڻ)، ٿوهر، ساڙوهيون، ڪرڙ ڪارا ڪبر، ڪريڙ، ليار، ڪنڊا، ڪانڊيرا، لوهوڪا (لوهيڙي جو وڻ)، ليون، جائو (لئي جو جابلو وڻ)، جمر (بيد جو وڻ)،چندن، سرڪنڊ (صندل جو خوشبودار وڻ)، ڪٿوري، اگر.

سُر سهڻي ۾ شاهہ سائين مهراڻ جي موجن، درياهہ جي دڪن، سهڻي جي سڪ ۽ اُڪير ۽ ميهار جي مينهن جي چڙين جو گهڻي قدر ذڪر ڪيو آهي، ان سان گڏوگڏ شاهہ سائين ڪٿي ڪٿي گاهن ۽ ٻوٽن جو ذڪر پڻ ڪيو آهي، مينهن جي چاري جو ذڪر ڪندي شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ:

**چاهڪ چري، تار تري، آيون مٿي آر،**
**ڪوڙيين ڪر ڪٽنديون، سٽي سڏ ڏراڙ،**
**مينهون ساڻ ميهار، پرچي پار لنگهيون.**

**چاهڪ:** ڪانهہ جو قسم جيڪو مينهون گاهہ جي طور چرن ٿيون. اهو ساڳيو لفظ چاهڪ شاهہ سائين ٻئي هنڌ هنن لفظن ۾ استعمال ڪيو آهي تہ:

**چاهڪ چري تار تري آيون مٿي پيٽ.**

ٻئي بيت جي مصرع هن ريت آهي تہ:

**چاهڪ چري، تار تري، آيون مٿي ڪُنن.**

ساڳيو چاري جو لفظ انهن ۾ استعمال ڪيل آهي تہ:

**چاهڪ چري تار تري، آيون مٿي ڪوهہ.**

ٻئي بيت ۾ شاهہ سائين سُهڻيءَ جي واتان هي سٽ ادا ڪرائي ٿو تہ:

**ڪنڊيءَ جهليو ڪانهن، عاشق ايو آهون ڪري،**

مطلب تہ سندس ان سر جي پڙهڻ سان درياهہ ڪنڊي ٻيڻل ڪانهن ۽ سرن جي ٻوٽن جي ڄاڻ ملي ٿي.

(نرتي تند نياز سين، مرتب: عبدالجبار جوڻيجو/ڊاڪٽر قاسم ٻگهيو)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو جائزو وٺبو تہ اسان کي چڱي طرح معلوم ٿيندو تہ سندس ڪلام جو تمام گھڻو حصو وطن جي حب، ساڻيهہ جي سڪ، ملڪ جي وڻن، جھنگن، جھرن سان پيار، ڀٽن سان پيرم ۽ مسڪين ماروئڙن سان موهہ ۽ پنهوارن سان پريت جو پيغام نظر ايندو. سُر مارئي جي هر هڪ بيت بلڪ هر ڪنهن سِٽ ۾ سانگين جي سڪ، وطن جي حُب ۽ ديس جي وڻن جي هُبڪار محسوس ٿيندي.

عمر سومري جي ڏاڍائي تي، مارئيءَ ڪيس هونئن تہ هزارين ميارون ۽ مهڻا پئي ڏنا پر ملڪ جي وڻن ٽڙن بہ جيڪي عمر حاڪم ڏانهن مهڻا ۽ ملامتون موڪليون، ان جي تصوير شاهہ صاحب هيٺيئين بيت ۾ چٽي آهي.

**اڄ پڻ آنديون اوٺيين ڪِتابتون ڪي،**
**ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، سُڻ تون عمر سي.**

(سُر مارئي)

بيت جي مضمون مان معلوم ٿو ٿئي تہ حق ۽ سچ ڳالهائڻ لاءِ سنڌ جي وڻن کي بہ زبان آهي، مگر اها زبان جنهن ۾ تشدد نہ آهي، ٽِيسو نہ آهي، انسان کي انسان جي هٿان قتل ڪرڻ جي هُشي نہ آهي، بلڪ پيار ۽ محبت جون ميارون آهن، وقت جي حاڪمن کي مسڪين رعيت جا ويڻ آهن، جيڪي تاريخ جو وهڪرو ميساري نہ سگھندو!

شاهہ صاحب جي وقت ۾ سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۾، آباديءَ جو گھڻو حصو مَنَهَن، پکن ۽ ڪبڙَن جي ويڙهين ۾ رهندو هو. انهن مارن ۽ جهانگيئڙن جي رهڻي ڪهڻيءَ جو ذڪر شاهہ صاحب ڪيو آهي.

**جھُڙ ڦُڙُ جِت ٿيا، اُت اڏيائون پکڙا.**

(سُر مارئي)

شاهہ صاحب جڏهن پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي رهڻي ڪهڻي جو ذڪر ڪري ٿو تہ اهو اڪثر ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي ڳالهہ ڪري ٿو جيڪا هڪ سگھڙائپ آهي. هيٺئين بيت ۾ سنڌ جي ٻهراڙيءَ جي عورت جي گھرو

زندگي ۾ سندس ڪم ڪار سان لڳاءَ جو بيان ڪندي شاهہ صاحب مڪمل طور هن جي سماجي جيوت جو نقش چِٽيو آهي.

بَرَ وُٺا، ٿر وُٺا، وٺيون ترايون،
پرهہ جو پٽن تي، ڪِن ولوڙا وايون،
مکڻ پرين هٿڙا، سَنگهاريون سايون،
ساري ڏُهن سامُهيون، ٻولايون رايون،
ٻانهيون ۾ ٻايُون، پکي سُهن پانهنجي.

(سُر سارنگ)

هن بيت ۾ لطيف سائين سنڌ جي اڪثريت وارن جو ذڪر ڪيو آهي، جن جي توڪل ۾ تڪيو خدا تي ئي هوندو آهي، مينهن وسڻ ڪانپوءِ جهانگي ماڻهو تمام گهڻو خوش هوندا آهن. زمين گلن ۾ گاهن جي ويس ۾ ملبوس ٿي پوندي آهي، سنگهارن جو چوپايو مال اُهي ويءَ چري جهجها کير ڏيندو آهي، انهيءَ کير مان مکڻ ولوڙي سنڌ جا مالدار ماڻهو پاڻ بہ کائيندا هئا ۽ وڪرو بہ ڪندا هئا، مگر اهي عورتون جن کي کير، مکڻ جي نعمت نصيب هوندي هئي، تن کي ماڙين ۾ محلن جي اصل حسرت ڪانہ هوندي هئي. هو تہ پنهنجن پکن ۾ بہ موچاريون لڳنديون هيون. ڇوتہ انهن مسڪينن جو اوڇڻ ۾ آجڪو ڪيترين ئي پيڙهين کان مَنَهہَ ۾ پَڪا رهندو ايندو آهي. سندن مسرتون ۾ غم انهن ئي ماروئڙن جي مَنَهن ۾ اُسرندا ۽ اجهامندا رهندا آهن. ڪين عزت وقار جو اونو توڙي معاشرتي ترغيب انهن ئي ڪکائن گهرن جي مليل هوندي آهي، ان ڪري ماڙين ۾ محلن کي آزاد زندگي گذاريندڙ قيد سمجهندا آهن. سچ تہ جيڪي پاڪ خوشيون ۾ مسرتون مارن جي مَنَهن ۾ آهن، اهي ماڙين ۾ ڪٿي؟ محل ۾ ماڙيون تہ معصوم انسانن جي رت ۾ پگهر سان جوڙيون وينديون آهن ۾ انهن جي سنڀال لاءِ بہ رت ۾ پگهر گهرجي، ان ڪري اهڙي محل ۾ قرار ڪٿي هوندو؟

(سنڌي ثقافت ۾ شاهہ لطيف: ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر)

# شاهہ جي شعرن ۾ لوڪ رسمن جو ذڪر!

شاهہ صاحب جي زماني ۾ شاديءَ جي موقعي تي گهوٽ ۽ ڪنوار ڪي ٻانهن ۾ ڳانا ۽ سڳڙا ٻڌا ويندا هئا، جن جو ذڪر شاهہ صاحب سُر مارئي ۾ ڪيو آهي.

**سون برابر سڳڙا، مون ڪي ٻانُهن ٻڌائون.**

(سُر مارئي)

اهي ڳانا يا سڳڙا ايسيتائين گهوٽ ۽ ڪنوار ڪي ٻڌل هوندا آهن، جيسين لائون اچي وجن ۽ نڪيتي ٿي وڃي. لائن ويل جيڪي سانٺ سنئوڻ ڪيا ويندا آهن، انهن ۾ ”ڏانوڻ ڏانئڻ“ بہ هڪ رسم آهي، جڏهن گهوٽ ڪنوار جي گهر جي در تي پهچندو آهي، تڏهن ڪيتريون ڪنواريتيون زالون سندس رستو روڪي بيهنديون آهن. انهن مان گهوٽ جي سالي يا ٻي ڪا سهاڳڻ هڪ ڪچو ڏاڳو ڪٺي پير جي آڱوٺي ڪان وٺي سندس مٿي تائين ڏانوڻ ڏائيندي آهي ۽ ڪجهہ لاڳ وٺي پوءِ ڇڏينديون آهن. انهيءَ جو مطلب هوندو آهي تہ مرد پنهنجي ونيءَ وٽ ڪچي ڌاڳي ۾ ٻڌو پيو هجي. اها رسم شاهہ صاحب جي زماني ۾ بہ هئي ۽ سسئي جي واتان چورائي ٿو تہ:

**ڪيچين آءُ نہ ڪڙي، ڪنهن ڏڪيءَ ڏانوڻ ڏائيو.**

(سُر سسئي)

”ڏڪيءَ ڏانوڻ ڏايو“ جو مطلب آهي تہ سسئي ڪي اهو وهم ٿي پيو تہ شايد ڪنهن اهڙيءَ زال ڏانوڻ ڏائيو هو جيڪا سهاڳڻ نہ هئي، جنهنڪري ڪانئس پنهل رُسي ويو. ان ڪري سنڌي سماج ۾ ڪنهن بہ ڏهاڳڻ ڪان ڏانوڻ جي رسم ادا نہ ڪرائي ويندي آهي.

مٿئين سنئوڻ وانگر ڪن حصن ۾ اڄ بہ گهوٽ ڪان ڍڪڻ پڃائڻ جي رسم ڪنوار جي گهر ۾ ادا ڪرائي ويندي آهي. سُر ليلان ۾ شاهہ صاحب انهيءَ سنئوڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

**پوچا ڏٺم پير، ڏکڻ مٿي ڏول جا،**
**مون پائيون تنهن وير، ڪوجهِي ڪندو پريتڙي.**

(سُر ليلان)

ان ڪانپوءِ گهوٽ جو پيءُ يا ماءُ، يا ڪا سهاڳڻ عورت ٻنهيءَ جا مٿا ٽڪرائيندي آهي، جنهن کي لائئون چئبو آهي. شاهہ صاحب "سُر مارئي" ۾ لائئن جي رسم جو ذڪر ڪندي مارئي جي واتان چورائي ٿو:

**"مون ماروءَ سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائئون."**

# شاهہ جي شاعريءَ ۾ ڳوٺاڻو/ سماجڪ منظر...!

سنڌ جي ٿر ۽ ڏاڪڻين حصي ۾ ڏينهن ۽ ڏورن ۾ ڳڏ ٿيل پاڻيءَ جي مٿان نار يا هُرلو چاڙهي ۽ آبادي ڪئي ويندي هئي، شاهہ صاحب پنهنجي سگهڙائپ واري ڪلام ۾ اهڙي نار جو ذڪر ڪري ٿو جيڪو مينهن جي پاڻيءَ تي چاڙهيو ويندو هو:

**ٻَر وُٺا، ٿر وُٺا، وٺي ڪڇ ڪِنار،**
**پوياڙي پٽن تي، ڏس! ناياڻُون نار،**
**سباجهي ستار، لاٿا ڏَرِتَ ڏيهہ تان.**

(سُر سارنگ)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ هارين جو بہ ذڪر هن ريت ڪري ٿو تہ:

**ٻِج ڪٺي ٻَٽ هليا، هاري منجهان هيجَ،**
**راضي منجهان ريج، عالم سڀ آباد ٿيو.**

(سُر سارنگ)

سُر سارنگ جي هڪ ٻئي بيت جي سِٽ آهي تہ:

**هارين هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار.**

ساڳئي وقت لطيف سائين مال ۾ مينهُن جي ڪير جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

**مينهون پاڻ مراديون، تڏا ڇَرن ٿر،**
**وڏي اوهہ آئيون، پُٺي لائي ڦر،**
**ساري اچيو سُوا مينهون، ڏين ڪير سَجَر،**

**ساڻ وانڍين ور، پِرين پرچڻ جون ڪيون.**

(سُر سارنگ)

لطيف سائين نہ رڳو مينهُن جو ذڪر ڪري ٿو پر ساڳي وقت اسان کي پلين مينهُن جا قسم بہ ٻڌائي ٿو جيڪا هڪ پلي پاڳيي جي سُڃاڻپ آهي.

**مينهُون هن ميهار جون، الا! سڀ بچن،**
**ڪاريون، ڳڪيون، ڪُنڍيون، وارا ڪئو وين،**
**جوءِ جا جاندارن جي، پيلا ٻہَ ٻہ ڪن،**
**اچي ريل رهن، مون سنپارا سُپرين.**

(سُر سارنگ)

اهڙيءَ ريت لطيف سرڪار جانورن ۾ گهوڙن جي اهميت جو ڄاڻو هوندي انهن جو ذڪر بہ سُر ڪيڏاري ۾ هينئن ڪري ٿو:

**گهوڙن ۽ گهوڙن، رِڻِ ۾ لانئون لڌيون.**

ڪتو هڪ وفادار جانور آهي ۽ سنڌ ۾ گهڻو آهي، ان جو ذڪر شاهہ صاحب هينيئين طرح ڪري ٿو:

**سَڳبان سينڌارئا، بچئيا تي ٻهن،**
**ڦريا نہ فَرمان ڪان، مُلُ نہ موتيئڙن،**
**ڪونهي ڏوهہ ڪُتن، ڏاڪارئا ڏاڙهين ٿا.**

(سُر معذوري)

سنڌ جهڙي زرعي ملڪ لاءِ "ڏاند" هڪ اهم جانور آهي، گهاڻو هجي يا نار جي ڳاڏي، هر هجي يا بيل گاڏي، ڏاند سنڌي هاريءَ جو ڏاڍو مددگار رهيو آهي. شاهہ صاحب جي وقت ۾ تہ خاص ڪري ڄڃُن توڙي مَڃُن، سُڪائن توڙي ميلن ملاکڙن ۾ سنڌ جي ڏاند سنڌيءَ ماڻهوءَ جو ڏاڍو ساٿ ڏنو آهي، شاهہ صاحب سنڌ جي ان اهم ساٿيءَ کي بہ نہ وساريو آهي.

**ڏاندن ساٿ سيد چئي، ڪي پِياديون پُهچن.**

(سُر ديسي)

سنڌ ۾ ڏاند جا بہ سندس عمر موجب جدا جدا نالا هوندا آهن. ڪير ڏائڪ کي "گابو" چون. جڏهن جوان ٿئي تہ "وهڙو" چونس ۽ هر ڪاهڻ جهڙو ٿئي تہ "ڏاند" سڏينس. شاهہ بہ ڏاند کي سندس عمر موجب سڏيو آهي، سُر ديسيءَ ۾ وهڙي جو ذڪر ڪري ٿو:

**هٽي چيلهہ چراڪئا، وَهہ پئي وَهڙن.**

(سُر ديسي)

وهڙو جڏهن جوان ٿيندو آهي تہ پيرن سان زمين کي ٻُڪيون هٽي چرا ڪري وجهندو آهي ۽ اهو زمانو هن جي وهيءَ جو هوندو آهي، جو شاهہ صاحب بيان ڪيو آهي:

**ڪٽن ڪيٽا ڇڏئا، جي مِڙيون ٿي مس،**
**گابا متي گس، ڏک نہ ڪندا ڏيرا.**

(سُر سارنگ)

هن بيت ۾ شاهہ صاحب " گابن" کي ڳئن سان گڏ ياد ڪيو آهي، سوائون ڳئون ڪيتو ڪري بيهنديون آهن ۽ ڪير نہ ڏينديون آهن. شاهہ صاحب جي زماني ۾ جيتوڻيڪ سنڌ جي سڄي علائقي ۾ ڳئون پاليون ويندويون هيون. جن مان ڏاندن جي حاصلات سان گڏ هتي جي مالدار ماڻهن کي گيهہ مکڻ ۽ ڏُڌ مان گهڻو فائدو پوندو هو پر ڇاڪاڻ تہ اٽاٽ جو شڪار گهڻو ڪري ٿر جو علائقو رهيو آهي. ان ڪري ٿر جي ڳنوارن کي پنهنجي "رزق" خاطر مينهن جي سخت ضرورت ٿيندي هئي، جنهن ڪري شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ انهن ڳنوارن جي ڳالهہ ڪري ٿو:

**وري وڏي وس جون ڪيون، ڳالهيون ڳنوارن،**
**سيد چئي سِپن آهہ، توهہَ تنهنجو آسرو.**

(سُر سارنگ)

ساڳي وقت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ ريبارن ۽ رڍن جو ذڪر پڻ ڪري ٿو ۽ اهو بہ ٻڌائي ٿو تہ ننڍن گهيٽن جي اُنَ کهڙي مند ۾ مالدار ماڻهو ڪترائيندا آهن ۽ کهڙي ڪم ۾ اها آڻيندا آهن.

**پنهوارن پاپوهيو ڪي وس واهندن،**
**لٿو سِيءُ، لطيف چئي، ٻڌو ڦَڙُ ڦُرُنِ،**
**اوءِ ٿا ڪورن، ڪُنئَري، سرتيون! مٿا سَسَن،**
**عمرا! اُن اگندري، پاسي ڪاندَ ڪَتَن.**

(سُر مارئي)

لطيف سائين پنهنجي ڪلام ۾ ٻاڪري مال جو بہ ذڪر ڪري ٿو:

**هن مُند مارو سنرا، ويڙيين وَڳ وارين،**
**ڇيڇئا ڇيڪارِئو ڇيلڙا، پٽين ڦَرائين.**

(سُر مارئي)

شاهہ صاحب اها ڳالهہ مارئي جي واتان چورائي آهي پر اڪين سان بہ وڃي اها جُوءِ ۽ جانور پاليندي پڻ ڏِٺا اٿس:

**اُتي وٺڙا اُڪري، عُمرا! اَباڻا،**
**ٻڪر ٻاباڻا، پَسان شاڻَ! پر گهين.**

(سُر مارئي)

ٻئي بيت ۾ شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ:

**ٻُري نہ ٻَڪرَ دانهن، پُون پٽڪو نہ سُٽان،**
**ميان! ماروئڙن جا، اوٺا ڏٿم آنهَن.**

(سُر مارئي)

ڏڪار سببان جڏهن هي لڏي ويندا آهن، تڏهن ڪنهن بہ تڙ تي پهر ڪانہ هوندي آهي، اوڏيءَ مهل نہ ڪا ٻڪر جي دانهن، نڪو پوڻ پٽڪو ٻڌڻ ۾ اچي، آنهن يعني حوض بہ سُڪل نظر ايندا آهن. سنڌ ۾ مڇيءَ جي موزون ماحول جو ذڪر بہ پٽائي سرڪار پنهنجي بيتن ۾ ڪيو آهي.

سُر سهڻيءَ ۾ فرمائي ٿو تہ:

**دائِمَ جا درياهَہ ۾، سا مڇي ڪِني ڪوهَہ**

سنڌو درياهہ جي پاٽيءَ جي تعريف بہ لطيف سرڪار ساڳئي سُر

جي هن بيت ۾ ڪئي آهي تہ:

**لهر مڙوئي لالُ، وَهَڻ ڪُٿورئا وِترو،**
**او ڦهارا عبير جا، جَر مان اَڇن جال.**

(سُر سهڻي)

ان ڪانسواءِ لطيف سائين مڇي ماريندڙ ميڇيرن ۽ مهاڻن جو ذڪر ڪري ٿو جيڪي پنهنجي پورهئي سان محبت ڪن ٿا:

**ڄاريون، ڪاريون، ڇَڄ، ڇپريون، جن جي محبت مڇيءَ ساڻ،**
**رهن، وِهن، سِر ٻانڌيين، سيئي بدبوءِ هاڻ،**
**لُڏڙن جيئن لطيف چئي، پاڻي وجهن پاڻ،**
**تن ملاحن جو ماڻ، سمي سر ڪئو پانهنجي.**

(سُر ڪاموڏ)

ڪارين ۾ مڇي وجهي مهاڻيون ڳوٺن ۾، سيرن تي، واٽن تي ڪپائينديون آهن. جيئن شاهہ صاحب جي هن بيت مان ظاهر ٿئي ٿو:

**ڪاريون، ڪوجهيون، ڪُوڙيون، مور نہ موچاريون،**
**وٺي ويٺيون واٽ تي، ڪِڪيءَ جون ڪاريون.**

(سُر ڪاموڏ)

شڪار جي شوق خاطر نہ رڳو مهاڻا پر ڪڏهن ڪڏهن وقت جا حاڪم بہ مڇيءَ سان وابستا رهيا آهن. جن جو مشاهدو لطيف سرڪار هئين ڪري ٿو تہ:

**مَئيءَ هٿ ۾ مڪڙي، ڄام هٿ ۾ ڄار،**
**سڄو ڏينهن شڪار، ڪينجهر ۾ ڪالهہ هيو.**

(سُر ڪاموڏ)

شاهہ صاحب جي دور ۾ سنڌ ڪپڙي جي صنعت ۽ حرفت ۾ تمام عروج ڪي پهتل هئي، جنهن ڪان شاهہ عبداللطيف يٽائي متاثر ٿي پنهنجي ڪلام ۾ اهڙن ڪاراٽن ۽ سيباٽن هنرمندن جو بہ ذڪر ڪري ٿو:

**ڪاپائتي سپ ڪا، ڳتي سيباٽي،**

**ڄاتو ڄَن ڄاڻي، تن هٿان ڀِڃي نہ ڇڏي.**

(سُر ڪاپائتي)

لطيف سائين ساڳئي سُر ڪاپائتي ۾ اهڙن سنڌ جي ڪاريگرن جو ذڪر بہ ڪيو آهي، جيڪي پنهنجي هُنري پورهئي سان وفادار، ذميوار ۽ دل ۾ شوق رکي ڪم ڪندا هئا.

**سُٽ اُنِيَن جو سَڦرو، جي پَرِ ۾ پچائين،**
**آواز اَرٽ جو، ساهہ نہ سُڻائين،**
**لڪايو لطيف چئي، ڪنبئو ڪتائين،**
**جي ماڻڪ موٽائين، تہ بہ مُلهہ مهانگو ان جو.**

شاهہ صاحب سنڌ ۾ ٺهندڙ ٻيڙن جو بہ ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن جي سونهن ۽ نفاست جي ڳالهہ اهڙي انداز سان ڪري ٿو، جنهن مان سنڌ ۾ ٺهندڙ ٻيڙن جي خوبصورتيءَ جي خبر پوي ٿي:

**سِڙهہ سنوان، لاڄو نوان، اولا سَندُن عاج،**
**ساٿي سفر هلئا، پري جُنگ جهاج،**
**حاصل ڳرين حاج، واحدا! وَڻجارن جي.**

(سُر سريراڳ)

لطيف سائين لوهارن جو منظر بہ اکين سان ڏٺو هو ۽ سنڌ جي سگھڙ هئڻ جي ناتي سان انهن جي ڪِرت کي بہ ڪين وساريائين. سائين فرمائي ٿو تہ:

**سِر سنداڻ ڪري، پُڇج گھر لوهار جو،**
**ڏَڪن هيٺ ڏَري، مانَ گَڏنيئي، رُڪ سين.**

(سُر يمن)

سنڌ ۾ ڪنڀارڪو هنر تمام قديم زماني کان هلندو پيو اچي، لطيف سرڪار ڪنڀارن جي ڪِرت ۽ محنت کي ڏسندي چوي ٿو:

**ڪِي جو ڪنڀارن، مِٽي پائي مَنيو.**

(سُر رِپ)

مٽي ڪمائڻ کان بعد، ڪنڀار چڪ تي ٿانوَ ناهيندا آهن ۽ جڏهن سُڪي ويندا آهن تہ پوءِ "آوي" يا "نهائينءَ" ۾ پچائيندا آهن "نهائين"

ڪنيرن جي ان ڪوريءَ ڪي چٽبو آهي، جنهن ۾ هو نِڪر جا ٿانوَ پچائيندا آهن. شاهه صاحب ڪنيارن جو اهو سمورو ڪم اکين سان ڏسي هڪ سگهڙ جي ڏِٺ وانگر مشاهدو ڪندي فرمائي ٿو تہ:

**نينهُن نهائينءَ، جيئن، ڍَڪيو ڪوهہُ نہ ڍڪيين،**
**جَرَ جيري چڏي تہ رَجَ پچندا ڪيئن،**
**تون پڻ ڪريج تيئن، جيئن ڪنيار ڪن ڪم سين.**

(سُر رپ)

سنڌ ۾ اڄ بہ ڪجهہ علائقن ۾ "ٺاٺارو" ٿانون جي تبادلي جو اهڃاڻ آهي، جست ۽ ڪنجهي جي ٿانون جو وڏو بوجهو سندس مٿي تي نظر ايندو ۽ وتندو ڳوٺ ڳوٺ ۾ ٿانون جو ڪاروبار ڪندو. لطيف سائين ان جو بہ ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

**پلي ڪري آيو ٺاٺارو ڏيهاءُ،**
**سي نہ پُڄنديون.**
**پڳي "ڪُٽِ" سَڀي ٿي لٿي، جاڪ ڳراءُ،**
**سي نہ پُڄنديون.**

(سُر سامونڊي_وائي)

لطيف سائين پنهنجي ڪلام ۾ صرافن، موتين جي واپارين ۽ وينجهارن جو ذڪر ڪيو آهي، واپاري ۽ ڪاريگر شاهه سائين نٿي ۾ ڏٺا هئا، جن جو واپار انگريزن جي دور ۾ بہ جاري هو. شاهه صاحب انهن جي ڳالهہ ڪندي چوي ٿو تہ:

**اي گٿُ غواصن، جئين سمنڊ سوجهيائون،**
**پيهي منجهہ پاتال جي، ماڻڪ ميڙيائون،**
**آڻي ڏنائون، هيرا لعل هٿن سين.**

(سُر سريراڳ)

سنڌ ۾ اوڏن جو وجود بہ تمام قديم آهي، لطيف سائين بہ هن پورهيت طبقي جو سر ڏهر ۾ هن ريت ذڪر ڪيو آهي:

**اڏي اڏي اوڏ، چڏي ويا پيٽيون،**
**ڪوڏارا ۽ ڪوڏ، پيا آهن پٽ ۾.**

سُر ديسي ۾ لاڪيڻو لطيف "پَرٽ" ڏوبيءَ جو بہ ذڪر ڪري ٿو جيڪي پڻ ڀھراڙين جي سونھن ھئا.

**اَسين پارڻَ پَرٽ، پورھيت پنھون جام جا،**
**ھوت ڪٿوريءَ ھيرئون، مون ۾ صابڻ ڇٽَ،**
**آتڻ منجھہ اگُھٽ، ڪانڌُ ڪنھن جي م ڪريا.**

(سُر ديسي)

مٿي بيان ڪيل سموري مضمون ۾ حضرت شاھہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي چونڊ ڪلام ڪي سگھڙائپ جي فن طور ڏيکاريو ويو آھي، ياد رھي تہ علامہ دائودپوٽو ۽ مرزا قليچ بيگ سميت ڪجھہ نامور محققن ۽ اديبن تمام وڏي بحث ڪانپوءِ ان ڳالھہ ڪي دليل بڻايو آھي تہ شاعر ھميشہ علم عروض واري ڪاريگري يعني فاعل مفعول جي پر وٺندو آھي. پر اسان جي سنڌ جو شاھہ لاڪيڻو لطيف ان مڙھيل پابندي کان پري ۽ آفاقي پيغام ڏيندڙ "تجنيس حرفي" توڙي "تحت اللفظ" جو بنياد رکي سموري شاعري "بيت" ۾ ڪئي آھي، جڏھن تہ سندس سُرن ۾ ڏنل وايون بہ ان ئي قسم جو تسلسل آھن، اڄ بہ لطيف سائينءَ جا حقيقي پيروڪار سگھڙ پنھنجي شاعري بيتن ۾ ئي ڪن ٿا. جڏھن تہ وقتي نزاڪتن جي مد نظر ساڳين سگھڙن علم عروض واري شاعري غزل توڙي نظم جي گھاڙيٽي کي پڻ قبول ڪري ورتو آھي، پر اصل ۾ سگھڙائپ واري بنيادي شاعري بيت آھي، ان ڪري ان ڳالھہ چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ناھي تہ ڀٽائي گھوٽ آفاقي شاعر سان گڏ سگھڙ بہ ھو.

# حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليہ جي شان ۾ عقيدت جو اظهار...!

شاعرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ادارو آ لطيف،
ترجمي ۾ پيش ڪيو، قرآن سارو آ لطيف.

اعليٰ درجي، جوهي شاعر، آ سچو محب وطن،
ٻولي جنهن جي، آ ٻاجهاري ۽ سڀئي سهڻا سخن،
ٿو مڃان سرتاج صوفين جو سهارو آ لطيف.

جنهن طريقت ۽ شريعت، جي رکي سچي سڃاڻ،
آ حقيقت سان لڏو تنهن، معرفت جو ماڳ پاڻ،
اوڪي منزل عشق جي ءَ ۾ ٿيو سوڀارو آ لطيف.

آ علم لُدني عطا ٿيل، از طرف الله ڪان،
فيض جي اعليٰ عنايت ٿي رسول الله ڪان،
هي اصل ڪان پاڪ پنجتن جو پيارو آ لطيف.

عارفن ۽ اوليائن، جي جماعت ۾ اُتم،
وقت رياضت ۾ گذاري، ٿيو عبادت ۾ اُتم،
وحده جي واٽ سان ئي ڪيو گذارو آ لطيف.

جنهن ڪيو **ڪلياڻ** ۾ وحدت وڏائيءَ جو بيان،
آ **يمن ڪلياڻ** اندر تنهن ڏسيو صوفين جو شان،
۽ ڪنيون **ڪنڀات** ۾ حسين نظارو آ لطيف.

سُر **سَريراڳ** ڳائڻ جنهن وقت جاتي ڳائيو،
ان اندر روحاني رمزن ۾ سيد سمجھائيو،
انسان کي سڌري هلڻ جو ڪيو اشارو آ لطيف.

سُر **ساموندي**ءَ ۾ سمورو آ وڇوڙي جو بيان،
جيءُ ٿو جهريو پوي هن جا پڙهي ٿئي داستان،
آ قصو هت ڪانڌ جو ڪيو درد وارو آ لطيف.

**سهڻي، سسئي آبري، معذوري، ديسي** ڏس پڙهي،
سُر **ڪوهياري** ۽ **حُسينيءَ** ۾ هئي سسئي رڙي،
سُر **حسيني** ڳايو **سورٺ** ۽ **ڪيڏارو** آ لطيف.

**مارئي ڪاموڏ، گهاتو راڻو مومل ۽ ڏهر،**
**آسا، سارنگ، رِپ، ڪاهوڙي ۽ ليلا چنيسر،**
**بروَوسنڌي**ءَ ۾ چٽيو نقشو سونهارو آ لطيف.

**رامڪلي، ڪاپائتي، پورب، ڪارايل** مون پڙهيو،
سُر **بلاول** ساڻ گڏ، **پرڀاتي** جيءَ اندر جڙيو،
جنهن ۾ جوڙيو نينهن جو پيارو نظارو آ لطيف.

هي آ سنڌي شاعرن ۽ سيني صوفين جو امام،
آ بڻيو "لاشاري عاجز" ان جي گولن جو غلام،
هي وٺي ڏيندڙ خدا کان ڇوٽڪارو آ لطيف.

# رسالو ڳجهارت...!

ڏيٺي:

**ليڪو مهانگو جر جو ٻولي شهادت،**
**ٻولي عبادت، نالو نالو پرينءَ جو.**

پيچٽي: بند

1. ليڪو = ملهہ 2. جرجو = قطرو
3. ٻولي = سڪڻ 4. ٻولي = اسان
5. نالو = نظر 6. نالو = ناز

سچي:

**مُلهہ مهانگو، قطرو سِڪڻ شهادت،**
**اسان عبادت، نظر ناز پرينءَ جو.**

(سُر ڪلياڻ)

# رسالو ڳجهارت...!

ڏيٺي:

**نالو چائين فقير جي ڪرين، نالن اي نہ نالو**
**ٻولي ٻولي مرد جي، وجهہ اچلي آڳ ۾.**

پيچٽي:

بند

1. نالو = صوفي 2. فقير جي = سڏ
3. نالن = صوفين 4. نالو = صلاح
5 ٻولي = ڪاتي 6. ٻولي = رک
7. مرد جي = ٽوپي (ڪُلاهہ)

سچي :

**صوفي چائين سڏ ڪرين، صوفين ئي نہ صلاح،**
**ڪاتي رک ڪُلاهہ، وجهہ اچلي آڳ ۾.**

(سُر يمن ڪلياڻ)

# رسالو ڳجهارت...!

ڏيڻي:

**ذات تنهنجي ذات، مٹ نہ سمجهان نالي سين،**

**تــون ٻــولي ۾ رات، نـــالو ٻــولي ســوجهرو.**

ڀڃڻي:

بند

1. ذات = چنڊ
2. نالو = پرين
3. ٻولي = اڇو
4. نالو = سڄڻ
5. ٻولي = نِت

سڄي :

**چنڊ تنهنجي ذات پاڙيان نہ پرين سين،**

**تــون اڇــو ۾ رات، ســڄڻ نـــت ســوجهرو.**

(سُرڪنڀات)

# رسالو ڳجهارت...!

ڏيٽي:

**ليڪو علم جن ۾، علم مڙوئي هيڪ،**
**هندو نالو نيڪ، تہ بسم الله ئي بس ٿي.**

پيڇٽي:

بند

1. ليڪو = ڪروڙين
2. علم جا = ڪتاب
3. علم = حرف
4. هندو = جي تو(نالو)
5. نالو = نظر

سڄي:

**ڪروڙين ڪتابن ۾، حرف مڙوئي هيڪ،**
**جي تو نظر نيڪ، تہ بسم الله ئي بس ٿي.**

(سُر يمن، داستان 5، بيت 16)

# رسالو ڳجهارت...!

**ڏيڻي:**

**مرض جنين جي ڪپڙي ۾، شهر ٻولي شاڪ،**
**مـــال جـــي اوطـــاق، نـــالو نـــالو آئيـــو.**

**ڀڃڻي:**

**بند**

1. مرض = گند
2. ڪپڙو = گوڏ
3. شهر = پيڙ
4. ٻولي = پوءِ
5. مال جي = اُنَ
6. نالو = راجا
7. نالو = ريجهل

**سڄي:**

**گنـد جنـين جـي گـوڏ ۾، پـاٻوڙا پوشـاڪ،**
**اُنــي جـــي اوطـــاق، راجــا ريجهـــي آئيـــو.**

(سُر ڪاموڏ، داستان 3، بيت 5)

# رسالو ڳجهارت...!

ڏيڻي:

**نالو تنهنجي حاڪم جي نرنان ڏٺي سون،**
**وڻ جو پڪي جَر ۾ جبل تارين تون،**
**جي عورت جو اچين مون،**
**تہ نالوئي حاڪم جو لهان.**

ڀڃڻي:

بند

1. نالو = صاحب
2. حاڪم جي = صاحبي (حڪمراني)
3. نرنان = عجب
4. وڻ جو = پن
5. پڪي = ٻوڙي
6. جر جو = پاتار
7. جبل = پهڻ
8. عورت جو = گهر
9. نالو = مير
10. حاڪم جو = مانُ

سڄي:

**صاحب تنهنجي صاحبي، عجب ڏٺي سُون،**
**پن ٻوڙين پاتار ۾، پهڻ تارين تون،**
**جي گهر اچين مون، تہ ميريائي مانُ لهان.**

(سُر ڌهر، داستان 1، بيت 14)

# رسالو ڳجهارت...!

ڏيٺي:

**عضوو تہ نالي جهڙو جَر جي شيطاني،**
**راند جي بيراني مرض پنڌ نہ ڇڏيين.**

ڀيٽي:

بند

1. عضوو = مُنهن
2. نالو = موسيٰ
3. جَر جِي = سِير
4. راند جي = بازي
5. مرض = ڳَڍ / اُلٽي
6. پنڌ جو = ڪوهُہ

سچي:

**مُنهن تہ موسيٰ جهڙو سيرت شيطاني،**
**بازي بيراني، ڪڍي ڪوهہ نہ ڇڏيين.**

(سُر ڪلياڻ، داستان 3، بيت 17)

# مددي ڪتاب:


1. **شاهه جو جامع ۽ مستند رسالو** = مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
2. **شاهه جو رسالو** = ڪلياڻ آڏواڻي
3. **نرتي تند نياز سين** = مرتب: عبدالجبار جوڻيجو/محمد قاسم ٻگهيو
4. **سنڌي ثقافت ۽ شاهه لطيف** = مرتب: ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر
5. **شاهه جو گنج** = مرتب فقير محمد قاسم راهمون
6. **ڳالهه پريان جي ڳجهه جي** = سليم ڀٽو لطيفي
7. **يادگارِ لطيف 1956ع** = مختلف شخصيتن جا چونڊ مقالا
8. **رنگ رحمت الله جا** = عاجز رحمت الله لاشاري
9. **سُهڻل جا سينگار** = عاجز رحمت الله لاشاري
10. **سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو** = ولي محمد طاهر زادو

